مون کي فخر آهي ته مون سنڌي ٻوليءَ کي عالمي فريم ورڪ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ لسانياتي ڪم ۽ اينوٽيٽيڊ ڊيٽاسيٽ تيار ڪيو ۽ ان کي يونيورسل ڊپينڊينسي فريمورڪ ۾ شامل ڪيو، جنهن سان سنڌي ٻولي کي جديد ڪمپيوٽيشنل تحقيق ۾ جاءِ ملي ۽ اها عالمي ٻولين جي لسٽ ۾ شامل ٿي وئي.

# هٽرادو ذهانت جي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي ڊجيٽل شڪل ۾ محفوظ نه ڪرڻ سان ان جي پوئتي رهجي وڃڻ يا ختم ٿي وڃڻ جو امڪان رهندو

ڊاڪٽر مظهر علي ڏوتيو



اسان انساني تاريخ جي هڪ انتهائي اهم ۽ تيزيءَ سان بدلجندڙ دور مان گذري رهيا آهيون، جتي جديد ٽيڪنالاجي ۽ مصنوعي ذهانت سماج جي هر شعبي کي نئين سر ترتيب ڏئي رهيا آهن. اڄ جو زمانو صرف ڊجيٽل رابطن يا خودڪاري تائين محدود ناهي رهيو، پر اهو اهڙو دور آهي، جتي ذهانت، خود مشينن ۾ شامل ٿي چڪي آهي ۽ مشينيون ذهين ٿي چڪيون آهن، خاص ڪري جنريٽوِ اي آءِ هڪ انقلابي ٽيڪنالاجي طور اڀري آهي، جيڪا متن، تصويرون، وڊيوز ۽ ٻين قسمن جو مواد تيار ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿي. هن ٽيڪنالاجيءَ ماڻهن لاءِ سکڻ، ڪم ڪرڻ ۽ تخليق ڪرڻ جا نوان در کوليا آهن، جنهن مان شاگرد، محقق، ڪاروباري ماڻهو ۽ عام شهري سڀ فائدو وٺي سگهن ٿا.

هن سڄي ترقيءَ جي پٺيان ٻولي هڪ مرڪزي حيثيت رکي ٿي، ڇو ته اي آءِ سسٽم ٻوليءَ ذريعي ئي سکندا ۽ رابطو ڪندا آهن. جيڪي ٻوليون ڊجيٽل دنيا ۾ وڏيڪ موجود آهن، جهڙوڪ انگريزي، عربي، اسپينش ۽ چائينيز وغيره، اهي تيزيءَ سان ترقي ڪري رهيون آهن، جڏهن ته سنڌي، پنجابي، پشتو، بلوچي، بروهي ۽ ٻين مقامي ٻولين کي اڃا گهڻين للڪارين يا چئلينجز کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. جيڪڏهن انهن ٻولين کي ڊجيٽل شڪل ۾ محفوظ نه ڪيو ويو ۽ انهن کي ڊجيٽل ترقي نه ڏني وئي ته، اهي مستقبل ۾ پوئتي رهجي وڃڻ سان گڏوگڏ ختم ٿيڻ جي خطري ۾ پڻ رهنديون، جيڪو صرف لسانياتي نه پر ثقافتي نقصان به ٿيندو.

ساڳئي وقت، هٽرادو ڏاهپ سان لاڳاپيل اخلاقي مسئلا به اهم آهن. ڊيٽا ۾ موجود تعصب اي آءِ جي نتيجن کي متاثر ڪري سگهي ٿو، جڏهن ته غلط معلومات ۽ جعلي مواد جي تياري به هڪ وڏو خطرو بڻجي چڪي آهي. ان کان علاوه، ماڻهن جي رازداري ۽ ڊيٽا جي تحفظ جا مسئلا به سنجيده ڌيان طلب آهن. اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته هٽرادو ڏاهپ يا اي آءِ جي ترقي اخلاقي اصولن ۽ واضح پاليسين تحت ڪئي وڃي، ته جيئن سماج کي ڪنهن به قسم جي نقصان کان بچائي سگهجي.

ان باوجود، اي آءِ عام ماڻهن لاءِ بي مثال موقعا پڻ فراهم ڪري رهي آهي. تعليم تائين آسان رسائي، روزگار جا نوان موقعا ۽ مقامي مسئلن لاءِ جديد حل پيدا ڪرڻ هاڻي ممڪن ٿي چڪو آهي. پاڪستان جهڙن ملڪن لاءِ هي هڪ سونهري موقعو آهي ته هو هن ٽيڪنالاجي کي استعمال ڪندي پنهنجي معاشي ۽ علمي ترقي کي تيز ڪن، خاص طور تي ٻولين جي ميدان ۾. اي آءِ ذريعي مقامي ٻولين کي محفوظ ڪرڻ، ترجمي جا نظام ناهڻ ۽ عالمي سطح تي انهن جي سڃاڻپ وڌائڻ ممڪن آهي.

سنڌي ٻولي ان حوالي سان خاص اهميت رکي ٿي. اها نه رڳو هڪ قديم ۽ شاهوڪار تهذيب جي امين آهي، پر علم، ادب ۽ سڃاڻپ جو مضبوط ذريعو پڻ آهي. بهرحال، جديد ڊجيٽل دنيا ۾ سنڌي ٻولي کي ڪيترين ئي للڪارن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، جهڙوڪ معياري ڊيٽا جي کوٽ، ڪمپيوٽيشنل وسيلن جي گهٽتائي ۽ جديد ٻولي سان لاڳاپيل ٽيڪنالاجيز جي محدود موجودگي. جيڪڏهن سنجيده ڪوششون ڪيون وڃن ته سنڌي ٻولي کي اي آءِ ۽ جنريٽوِ اي آءِ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، جنهن لاءِ ڪارپس ڊولپمينٽ، گرامر ماڊلز، اسپيچ ۽ ٽيڪسٽ پروسيسنگ ۽ وڏي پيماني تي تحقيق جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ ٻوليءَ جي ترقي ۽ انجنيئرنگ وارن ادارن کي ڊجيٽل پاليسي ٺاهي سنڌي ٻولي تي مناسب طريقي سان ڪم ڪن ۽ ان کي عالمي سطح تائين پهچائين. ان سلسلي ۾ ذاتي طور تي سنڌي ٻولي جي ترقيءَ تي ڪم ڪندڙن ماهرن کان مدد پڻ وٺي سگهجي ٿي. ان کانسواءِ يونيورسٽين کي گهرجي ته فائنل ايئر پراجيڪٽس، ايم فل/ايم ايس ۽ پي ايڇ ڊي جي سطح تي سنڌي ٻولي لاءِ وڏا يا لارج لئنگويج ماڊلز، لسانياتي تجزيا ۽ ٻولي انجنيئرنگ تي ڪم ڪن، جيئن سنڌيءَ کي عالمي ڊجيٽل منظرنامي ۾ هڪ فعال ۽ زنده ٻولي بڻائي سگهجي.

دنيا ۾ موجود ٻولين جي ترقي ۽ جياپي لاءِ يونيورسل ڊپينڊينسي فريم ورڪ جهڙا بين الاقوامي ادارا موجود آهن، جن جو لسانياتي فريم ورڪ انتهائي اهميت رکي ٿو، جيڪو دنيا جي مختلف ٻولين لاءِ نه صرف معياري گرامر ۽ اينوٽيٽيڊ ڊيٽا فراهم ڪري ٿو، پر انهن جي مختلف ٻولين جي گرامر مطابق سنٽيٽڪ پارسنگ پڻ ڪري ٿو. مون کي فخر آهي ته مون سنڌي ٻولي کي هن عالمي فريم ورڪ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ لسانياتي ڪم ۽ اينوٽيٽيڊ ڊيٽاسيٽ تيار ڪيو ۽ ان کي يونيورسل ڊپينڊينسي فريمورڪ ۾ شامل ڪيو، جنهن سان سنڌي ٻولي کي جديد ڪمپيوٽيشنل تحقيق ۾ جاءِ ملي ۽ اها عالمي ٻولين جي لسٽ ۾ شامل ٿي وئي. جڏهن سنڌي ٻولي کي يونيورسل ڊپينڊنسي فريم ورڪ ۾ شامل ڪرايو هو، ان وقت سنڌي ٻولي پاڪستان جي پهرين ٻولي هئي. اردو به هندستان مان شامل ڪئي وئي هئي. هاڻي ڊاڪٽر مطيع رحمان جن پڻ ان ڪم کي اڳتي وڌائي رهيا آهن، جيڪو هڪ ٽيم ورڪ جو بهترين مثال آهي.

اهڙين گڏيل ڪوششن سان نه صرف سنڌي ٻولي جي سائنسي بنيادن کي مضبوط بڻائي سگهجي ٿو، پر عالمي اي آءِ سسٽمز ۾ ان جي نمائندگي به يقيني بڻائي سگهجي ٿي. ان کان علاوه سنڌي ٻوليءَ کي عالمي سطح تي متعارف ڪرائڻ لاءِ ضروري آهي ته ان کي بين الاقوامي پليٽفارمز ۽ ٽيڪنالاجي نظامن ۾ وڏيڪ شامل ڪيو وڃي. سرڪاري ادارن، خانگي شعبي ۽ ٽيڪنالاجي سان لاڳاپيل ڪمپنين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو ته جيئن سنڌي موبائل ايپس، تعليمي اوزار ۽ ڊجيٽل پليٽفارم تيار ڪري سگهجن، جيڪي عام ماڻهن تائين آساني سان پهچي سگهن.

ٻئي طرف، عوامي سطح تي به شعور پيدا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ته جيئن ماڻهو پنهنجي ٻوليءَ کي ڊجيٽل دنيا ۾ استعمال ڪن. سوشل ميڊيا، آن لائين تعليم ۽ مواد جي تخليق ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال کي وڌائڻ سان هڪ مضبوط ڊجيٽل ماحول پيدا ٿي سگهي ٿو. جڏهن ماڻهو پاڻ پنهنجي ٻوليءَ ۾ لکندا، ڳالهائيندا ۽ مواد ناهيندا تڏهن ئي ڊجيٽل ڊيٽا پيدا ٿيندي، جيڪا اي آءِ يا هٽرادو ڏاهپ جي ترقي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي.

انهيءَ سلسلي ۾ اسان جي يونيورسٽين، تحقيقي ادارن، ٻوليءَ جي واڌاري لاءِ قائم ڪيل ادارن، لسانيات، ڪمپيوٽيشنل لسانيات جي ماهرن ۽ حڪومتن کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو. اي آءِ، ڪمپيوٽيشنل لسانيات ۽ ٻولي انجنيئرنگ تي تحقيق کي هٿي ڏيڻ گهرجي، جتي شاگردن کي فائنل ايئر پراجيڪٽس، ايم فل/ايم ايس ۽ پي ايڇ ڊي جي سطح تي مقامي ٻولين تي ڪم ڪرڻ لاءِ همٿايو وڃي. سنڌي جي گرامر کي ماهراڻي طور هڪ دفعو ٻيهر ڏٺو وڃي ۽ ان کي چڪاسيو وڃي. اهڙي طرح سنڌي جي موجوده گرامر ۾ موجود غلطين کي ظاهر ڪري انهن کي درست ڪيو وڃي ۽ اصلي سنڌي گرامر کي جاري ڪيو وڃي ته جيئن سنڌي ٻولي جي بنياد کي مضبوط ڪيو وڃي ۽ ان جي ڊجيٽل ترقي ۾ ايندڙ رڪاوٽن کي دور يا ختم ڪيو وڃي. جيتوڻيڪ سنڌي ادب جي حوالي سان ڪافي ڪم ٿي چڪو آهي، پر گرامر، لسانيات ۽ ٽيڪنالاجي جي حوالي سان اڃا گهڻي گنجائش موجود آهي، تنهنڪري، گرامر ۽ لسانيات جي ماهرن کي گڏ ڪري سنڌي ٻولي جا لسانياتي ۽ گرامر وارا مسئلا حل ڪيا وڃن.

آخر ۾ اهو چئي سگهجي ٿو ته اي آءِ جو دور صرف ٽيڪنالاجي جي ترقي جو نالو ناهي، پر اهو انساني سماج جي نئين سر تشڪيل جو دور آهي. ٽيڪنالاجي اسان جي زندگين کي تبديل ڪندي پر ٻولي اسان جي سڃاڻپ ۽ ثقافت جو بنياد رهندي. جيڪڏهن اسان پنهنجي ٻولين کي هن ڊجيٽل تبديليءَ جو حصو بڻايون ٿا ته اسان هڪ وڌيڪ جامع، منصفاڻي ۽ ثقافتي طور مالا مال دنيا ٺاهي سگهون ٿا؛ ٻي صورت ۾ اسان پنهنجي علمي ۽ ثقافتي ورثي کي وڃائڻ جو خطرو ڪٽنداسين. ■


اميج گوگل تان ورتل

جديد ڊجيٽل دنيا ۾ سنڌي ٻولي کي ڪيترين ئي للڪارن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، جهڙوڪ معياري ڊيٽا جي کوٽ، ڪمپيوٽيشنل وسيلن جي گهٽتائي ۽ جديد ٻولي سان لاڳاپيل ٽيڪنالاجيز جي محدود موجودگي. جيڪڏهن سنجيده ڪوششون ڪيون وڃن ته سنڌي ٻولي کي اي آءِ ۽ جنريٽو اي آءِ ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو، جنهن لاءِ ڪارپس ڊولپمينٽ، گرامر ماڊلز، اسپيچ ۽ ٽيڪسٽ پروسيسنگ ۽ وڏي پيماني تي تحقيق جي ضرورت آهي. ان سلسلي ۾ ٻوليءَ جي ترقي ۽ انجنيئرنگ وارن ادارن کي ڊجيٽل پاليسي ٺاهي سنڌي ٻولي تي مناسب طريقي سان ڪم ڪرڻ گهرجي ۽ ان کي عالمي سطح تي پهچائڻ گهرجي.

# ڊجيٽل انقلاب ۽ پورهيتن جو مستقبل



اي آءِ جي مدد سان تاهيل

ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر



پورهيت اهي ئي آهن، جيڪي پنهنجي پگهر ۽ رت سان سماج کي هڪ نئين زندگي ڏين ٿا. انهن جي محنت ۽ قربانيءَ سان ئي هر ادارو، هر ڪارخانو ۽ هر معاشرو پنهنجي جڳهه تاهي ٿو، پر جڏهن ڊجيٽل دنيا ۾ انقلاب آيو آهي تڏهن کان مزدورن کي هڪ نئين رستي ۽ نون چيلينجز جو مقابلو ڪرڻو پهچي رهيو آهي. هڪ طرف ٽيڪنالاجيءَ ۾ تيز ترقي، عالمي پليٽفارمز تي نوان موقعا ۽ روزگار جا نوان دروازا کلي رهيا آهن، ته ٻئي طرف مزدورن جي حقن، انهن جي تحفظ ۽ انشورنس جهڙن مسئلن سان انهن جو مقابلو جاري آهي. جڏهن آءِ ايل او (انٽرنيشنل ليبر آرگنائيزيشن) پنهنجين ڪوششن ذريعي انهن مزدورن جي فلاح ۽ بهبود لاءِ ڪم ڪري رهي آهي.

مزدور هر سماج جو اهم حصو آهن ۽ انهن جي محنت سان دنيا جي معيشت هلندي آهي. آءِ ايل او جو مقصد مزدورن جي حقن کي تحفظ ڏيڻ ۽ انهن جي زندگيءَ جي معيار کي بلند ڪرڻ آهي. ان اداري جو مقصد دنيا جي مزدورن کي معقول ڪم، سماجي تحفظ ۽ انصاف مهيا ڪرڻ آهي. آءِ ايل او جي پاليسين ۾ وقت سان گڏ تبديليون ايندي رهيون آهن. دنيا ۾ معاشي، سماجي ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي انقلابن جو اثر مزدورن تي پيو آهي، خاص طور تي ڊجيٽل دور ۾، جڏهن ٽيڪنالاجي جي اثرن ۽ عالمي پليٽفارمز جي ذريعي ڪم جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن، ۽ مزدورن کي نون چيلينجز ۽ موقعن سان روبرو ڪيو ويو آهي.

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ جي آمد سان عالمي سطح تي مزدورن لاءِ ڪم جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. هينئر جڏهن هر فرد وٽ انٽرنيٽ ۽ موبائل فون موجود آهي، تڏهن هنن کي عالمي مارڪيٽ ۾ ڪم ڪرڻ جا

> ڊجيٽل ٽيڪنالاجي ۽ انٽرنيٽ جي آمد سان عالمي سطح تي مزدورن لاءِ ڪم جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن. هينئر جڏهن هر فرد وٽ انٽرنيٽ ۽ موبائل فون موجود آهي، تڏهن هنن کي عالمي مارڪيٽ ۾ ڪم ڪرڻ جا موقعا ملي رهيا آهن. گِگ اڪانومي (Gig Economy) ۾، مزدور پنهنجي صلاحيتن کي عالمي پليٽفارمز تي پيش ڪري رهيا آهن، جهڙوڪ فري لانسنگ، گرافڪ ڊيزائننگ، پروگرامنگ، ٽيوشن، ترجمو، ڊرائيونگ، ۽ فوڊ ڊليوري وغيره. انهن پليٽفارمز ذريعي، دنيا جا مختلف حصا هڪ ٻئي سان ڳنڍجي رهيا آهن.

موقعا ملي رهيا آهن. گِگ اڪانومي (Gig Economy) ۾، مزدور پنهنجي صلاحيتن کي عالمي پليٽفارمز تي پيش ڪري رهيا آهن، جهڙوڪ فريِ لانسنگ، گرافڪ ڊيزائننگ، پروگرامنگ، ٽيوشن، ترجمو، ڊرائيونگ، ۽ فوڊ ڊليوري وغيره. انهن پليٽفارمز ذريعي، دنيا جا مختلف حصا هڪ ٻئي سان ڳنڍجي رهيا آهن.

سنڌ جا نوجوان جيڪي پنهنجي صلاحيتن ۾ ماهر آهن، انٽرنيٽ ۽ آن لائين ڪم ذريعي، بين الاقوامي ڪمپنين لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن، انهن ۾ خاص طور تي اوپن آن لائن مارڪيٽ پليٽفارمز جهڙوڪ Upwork، Fiverr، Freelancer وغيره استعمال ٿي رهيا آهن. هنن پليٽفارمز تي ڪم ڪندڙ مزدورن کي گهر ويٺي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملي ٿو، جيڪو هڪ نئين دور جي شروعات آهي.

آءِ ايل او کي عالمي سطح تي گِگ اڪانومي ۽ ڊجيٽل پليٽفارمز تي ڪم ڪندڙ مزدورن جي حقن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ مضبوط پاليسيون ٺاهڻ جي ضرورت آهي. انهن ۾ مزدورن کي سماجي تحفظ، قانوني تحفظ، مناسب اجرت، ۽ انشورنس فراهم ڪرڻ ضروري آهي.

پاڪستان ۽ سنڌ صوبي ۾ نوجوانن کي نون ڊجيٽل موقعن جي ڳولا ۾ رکڻ لاءِ ضرورت آهي ته انهن کي مناسب ٽيڪنيڪي تربيت ڏني وڃي. جيڪڏهن سنڌي نوجوانن کي آن لائن ڪم ڪرڻ لاءِ تربيت، انٽرنيٽ تائين رسائي، ۽ عالمي مارڪيٽ ۾ حصو وٺڻ جا موقعا فراهم ڪيا وڃن، ته اهي وڏا ڪارناما سرانجام ڏئي سگهن ٿا.

ڊجيٽل انقلاب مزدورن لاءِ نون موقعن سان گڏوگڏ نوَان چيلينجز ۽ خطرا پڻ پيدا ڪري رهيو آهي. تنهن ڪري پنهنجي ملڪ جي نوجوانن جي لاءِ هڪ نئين ۽ روشن مستقبل جو دروازو کولڻ جو وقت آهي، جتي نوجوان ٽيڪنالاجي ۽ ڊجيٽل پليٽفارمز ذريعي عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري سگهن.

ساڳئي نموني سنڌ ۾ زراعت هڪ اهم شعبو آهي، جتي ڪيترائي مزدور ڪم ڪري رهيا آهن، خاص طور تي موسم جي بدلڻ سان زراعت ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پهچي رهيو آهي، جن ۾ گهٽ اجرت سان گڏ ماحول، انشورنس ۽ صحت جي تحفظ جي گهٽتائي شامل آهي .

اهڙي نموني گهريلو سطح تي ڪم ڪندڙ عورتون ۽ ٻارن جو وڏو تعداد آهي، جن کي پڻ سماجي تحفظ سان گڏ مناسب اجرت ۽ صحت واري انشورنس وارن مسئلن کي منهن ڏيڻو پهچي رهيو آهي .

سنڌ ۾ هائپر مارڪيٽن، هوٽلن ۽ اسٽورن ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن کي پڻ نون چيلينجز سان گڏ غير محفوظ ڪم ۽ مناسب اجرت جا قانوني فريم ورڪ نه هجڻ سبب اهي به غير يقيني وارين حالتن ۾ ڪم ڪري رهيا آهن. گِگ اڪانومي ۾ ڪم ڪندڙ مزدورن جيڪي صحت انشورنس، پينشن ۽ ٻين بنيادي حقن کان محروم آهن، انهن کي صرف ڪم جي بنياد تي اجرت ملندي آهي، ۽ جڏهن ڪم مڪمل نه ٿو ٿئي، ته مزدور جي آمدني متاثر ٿي ٿئي ٿي.

ڊجيٽل دنيا ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ انٽرنيٽ ۽ ڊجيٽل سهولت جي ضرورت آهي، پر اجا تائين ڪيترن ئي ترقي پذير ملڪن ۾ ماڻهن کي انٽرنيٽ تائين رسائي حاصل ناهي. اهڙي صورتحال ۾ اهي مزدور جيڪي انٽرنيٽ استعمال نٿا ڪري سگهن، ڊجيٽل پليٽفارمز تي ڪم ڪرڻ ۾ ناڪام رهن ٿا. ان لاءِ نوجوانن کي انٽرنيٽ تائين رسائي فراهم ڪئي وڃي، جيئن اهي ڊجيٽل دنيا ۾ پنهنجو مقام حاصل ڪري سگهن.

آءِ ايل او کي عالمي سطح تي گِگ اڪانومي ۽ ڊجيٽل پليٽفارمز تي ڪم ڪندڙ مزدورن جي حقن کي تحفظ ڏيڻ لاءِ مضبوط پاليسيون ٺاهڻ جي ضرورت آهي. ان ۾ مزدورن کي سماجي تحفظ، قانوني تحفظ، مناسب اجرت ۽ انشورنس فراهم ڪرڻ ضروري آهي. تنهن ڪري اسان ڊجيٽل انقلاب خاص طور تي نوجوانن لاءِ هڪ نئون موقعو کڻي آيو آهي. نوجوان، جيڪي ٽيڪنالاجي، سافٽ ويئر ڊولپمينٽ، گرافڪ ڊيزائننگ، آن لائن مارڪيٽنگ، ۽ ٻين ڊجيٽل شعبن ۾ ماهر آهن، انهن لاءِ دنيا جي هر حصي ۾ ڪم ڪرڻ جا موقعا موجود آهن. انهن نوجوانن کي ڊجيٽل تربيت ڏيڻ، انٽرنيٽ تائين رسائي ڪرڻ، ۽ انهن لاءِ بين الاقوامي مارڪيٽ ۾ ڪم ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪرڻ ضروري آهي، جيئن اهي هڪ نئين ۽ روشن مستقبل ۾ داخل ٿي سگهن.

اسان جي سماج جو فرض آهي ته اهو پورهيتن جي حقن جو دفاع ڪري ۽ انهن جي زندگيءَ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن. هن ڊجيٽل دور ۾، جتي هر ڪارڪن کي هڪ نئين اُميد ۽ نئين روشني ملي رهي آهي، اسان کي پنهنجي مزدورن لاءِ هڪ محفوظ، انصاف پريو ۽ خوشحال مستقبل جو خواب ڏسڻ ضروري آهي. ■

mikumbhar2000@yahoo.com

# گڏيل عرب امارات اوپيڪ کان الڳ: پراڻو عرب اتحاد ڪمزور ٿيڻ لڳو

الهه بخش راٺوڙ

آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل گڏيل عرب امارتن جي حوالي سان انتهائي اهم مضمون شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته، ”گڏيل عرب امارتن جو فيصلو رڳو تيل جي پيداوار وڌائڻ جو ناهي، پر جيو پوليٽيڪل انقلاب آهي.“ ميڊيا جي حلقن مطابق گڏيل عرب امارتن جو فيصلو وچ اوڀر جي پاور اسٽرڪچر جي تبديلي آهي. هينئر پراڻي عرب اتحاد جي سياست ڪمزور ٿي رهي آهي. هر ملڪ کي پنهنجو رستو پاڻ اختيار ڪرڻو آهي. ٻين لفظن ۾ علائقائي سياست هاڻ اتحاد کان وڌيڪ انفرادي طاقت جي بنياد تي ڪئي پئي وڃي.“



تصوير رائٽرس

وچ اوڀر جي ملڪ، گڏيل عرب امارتن (يو اَي اِي)، 28 اپريل 2026 تي پاڻمرادو، تيل ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪن جي تنظيم ”اوپيڪ“ کان الڳ ٿيڻ جو اعلان ڪيو. ان اعلان جي سامهون اچڻ سان اڻ ڳڻيا تجزيا ڪيا پيا وڃن ته، آخرڪار ائين ڇو ڪيو ويو؟ ظاهري طور تي گڏيل عرب امارتن الڳ ٿيڻ جو سبب اهو ڄاڻايو ته، هو ڊگهي مدي واري رٿابندي ڪري رهيو آهي ۽ اوپيڪ ۾ ان جي تيل جي ايڪسپورٽ جي جيڪا ڪوٽا آهي، ان سبب هو پنهنجي مرضيءَ سان تيل ايڪسپورٽ ڪري نٿو سگهي.

گڏيل عرب امارتن جي اوپيڪ ۾ روزانو تيل جي ايڪسپورٽ جي ڪوٽا 30 کان 35 لک بيرل آهي، جڏهن ته تيل جي عالمي پيداوار ۾ ان جو حصو 4 سيڪڙو تائين آهي، جيڪو ذڪر جوڳو ناهي. بقول يواَي اِي حڪمرانن جي، هو تيل جي ايڪسپورٽ کي 50 لک بيرل تائين روزانو ڪرڻ چاهين ٿا. عالمي مبصرن وري اهو چوڻ شروع ڪيو ته، گڏيل عرب امارتن جي اوپيڪ کان الڳ ٿيڻ سان تيل جي ڪاروبار تي تمام گهڻو مثبت اثر پوندو ۽ اهي امڪان آهن ته عالمي مارڪيٽ ۾ وڌيڪ تيل وڪرو ٿيڻ سبب ان جي قيمتن ۾ جوڳي گهٽتائي ايندي، پر اها سوچ زميني حقيقن جي ابتڙ آهي.

گڏيل عرب امارتن جو اهو فيصلو ڪاروبار کان وڌيڪ علائقائي سياست، خاص ڪري آمريڪا ۽ اسرائيلي مفادن جي حوالي سان اهم سمجهيو وڃي ٿو.

نار جا ملڪ، جن کي وچ اوڀر جا ملڪ به سڏيو وڃي ٿو، اتي ايراني نار جي اهم ڪيڏاري ايران تي آمريڪا ۽ اسرائيل حملا ڪري سلامتي جي حوالي سان ڪيترائي سوال پيدا ڪري ڇڏيا آهن. آمريڪا ڪليل اڳرائيءَ ذريعي ايران تي حملا ڪيا ۽ ان جي معاشي ناڪابندي ڪري رهيو آهي. ايران تي ڪيل آمريڪي حملا گڏيل عرب امارتن مان فوجي اڏي تان به ڪيا ويا، جنهن جو جواب ڏيڻ لاءِ ايران جوابي ڪارروائي ڪندي، گڏيل عرب امارتن اڳيان واضح ڪيو ته، اهو عرب رياست جي خودمختياري جو احترام ڪري ٿو، پر هن آمريڪي مفادن تي حملا ڪيا آهن، هاڻ جيڪو به ملڪ، ايراني مفادن جي خلاف آمريڪا کي پنهنجي ڌرتي فراهم ڪندو، ان کي نشانو بڻايو ويندو.


گڏيل عرب امارات جو صدر شيخ زيد بن سلطان النهان، جيڪو همراه آمريڪا ۽ اسرائيل جي پاسي آهي.

ايران ساڳئي نوعيت جا حملا قطر ۽ سعودي عرب تي به ڪيا. ان سموري صورتحال ۾ عرب ملڪن، گڏيل عرب امارتن جي مفادن جي تحفظ جي گهڻي ڳالهه نه ڪئي، جنهن تي هو ناراض هو. گڏيل عرب امارتن جو لاڙو وري آمريڪا ۽ اسرائيل ڏانهن رهيو. هي عرب ملڪن ۾ مڪيه ملڪ آهي، جنهن اسرائيل کي به تسليم ڪيو. ان سان گڏ غزه تي اسرائيلي حملا هجن يا ايران تي گڏيل عرب امارتن خاموشي اختيار ڪئي، يا اسرائيل جي حمايت ڪئي. انڪري سمورن عرب ملڪن اهو فيصلو ڪيو ته، هو ان کان پرڀرا ٿيندا.

آمريڪي اخبار وال اسٽريٽ جرنل گڏيل عرب امارتن جي حوالي سان انتهائي اهم مضمون شايع ڪيو آهي، جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته، ”گڏيل عرب امارتن جو فيصلو رڳو تيل جي پيداوار وڌائڻ جو ناهي، پر جيو پوليٽيڪل انقلاب آهي.“ ميڊيا جي حلقن مطابق گڏيل عرب امارتن جو فيصلو وچ اوڀر جي پاور اسٽرڪچر جي تبديلي آهي. هينئر پراڻي عرب اتحاد جي سياست ڪمزور ٿي رهي آهي. هر ملڪ کي پنهنجو رستو پاڻ اختيار ڪرڻو آهي. ٻين لفظن ۾ علائقائي سياست هاڻ اتحاد کان وڌيڪ انفرادي طاقت جي بنياد تي ڪئي پئي وڃي.“

اهو به چيو پيو وڃي ته گڏيل عرب امارتن جا حڪمران جيڪي ڪنهن زماني ۾ سعودي وليعهد جا استاد سمجهيا ويندا هئا، هاڻ استاد، شاگرد، خاص ڪري محمد سلمان کي عاق ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. هي ٻئي ملڪ، اتحادي گهٽ ۽ مقابلو ڪندڙ وڌيڪ آهن. ٻنهي ملڪن ۾ يمن، سوڊان ۽ ٻين علائقن ۾ اثررسوخ تي اختلاف پيدا ٿيا آهن. اوپيڪ اصل ۾ سعودي عرب جي طاقت جو مرڪز رهيو آهي. گڏيل عرب امارتن ابراهم معاهدي ۾ شامل ٿي علائقي جي سمورن ملڪن کي حيران ڪيو، جيڪو اسرائيلي مفادن جي تحفظ لاءِ اهم آهي. ان سان گڏ گڏيل عرب امارتن صومالي لينڊ جهڙي ننڍڙي علائقي کي تسليم ڪيو ۽ ويڙهاڪ گروپ کي هٿيار به فراهم ڪيا. ساڳئي ريت يمن ۾ سعودي مفادن جي خلاف باغي گروپ جي مدد ڪئي، جنهن خلاف محمد سلمان بمباري به ڪرائي. اهو گروپ سعودي عرب اڳيان طاقتور ٿي آيو.

ايران جي گڏيل عرب امارتن تي حملي، علائقي اندر سيڪيورٽي جي نظام کي تبديل ڪري ڇڏيو آهي. گڏيل عرب امارتن لاءِ چيو ٿو وڃي ته پهريان ”حڪمرانن سٺن ئي رياستن کي وينس يعني ڪاروبار جو مرڪز بڻائڻ چاهيو، ان کانپوءِ يونان جي شهر اسپارٽا جيان، فوجي اڳرائي جو ماڊل اختيار ڪيو.“

گڏيل عرب امارتن، اسرائيل سان فوجي سهڪار وڌائي، ٻين عرب اتحادين کي ناراض ڪيو. ان سان گڏ اسرائيل جي فوجي سگهه به وڌي وئي، پر امارتن جا حڪمران انهن جي پٺي ٺپيندا رهيا. ايستائين جو گڏيل عرب امارات، آئرن ڊوم جهڙو دفاعي سسٽم حاصل ڪيو. ان سان گڏيل عرب امارتن ۾ اسرائيلي موجودگي ۾ واڌ ٿي. اها عرب دنيا ۾ هڪ وڏي اسٽريٽجڪ شفٽ آهي. عرب ملڪن جو اتحاد، جي سي سي تي به گڏيل عرب امارات تنقيد ڪري رهيو آهي. ان اتحاد جي ابتڙ گڏيل عرب امارتن پاڻ کي آزاد علائقائي طاقت بڻائي رهيو آهي.



ڪارٽون گوگل تان ورتل

گڏيل عرب امارتن جو چوڻ آهي ته هاڻ اهي ڪنهن به بلاڪ جو حصو بڻجڻ نٿا چاهين، جنهن ڪري انهن اوپيڪ کي ڇڏي سعودي قيادت کي چيلينج ڪيو آهي. ان سان گڏ اهو اسرائيل ۽ آمريڪا جي طاقت کي سگهارو ڪرڻ چاهي ٿو. ان کي نئين وچ اوڀر جو نالو ڏنو پيو وڃي.

جيڪڏهن اوپيڪ يا اوپيڪ پلس کي ڏٺو وڃي، جنهن ۾ 12 ملڪ شامل آهن،انهن کان گڏيل عرب امارتن جي الڳ ٿيڻ سان جيترو نوٽيس ورتو ويو آهي، اوترو پهريان ڪنهن ملڪ جي حوالي سان نه ورتو ويو.مثال طور قطر 2019 ۾ اوپيڪ کان علحدگي اختيار ڪئي، ايڪواڊور،جيڪو تيل پيدا ڪندڙ ملڪن ۾ شامل آهي، ان 2020 ۾ اوپيڪ کان جدا ٿيڻ جو فيصلو ڪيو، ان سان گڏ انگولا 2024 ۾اوپيڪ کان الڳ ٿي ويو.ان کان اڳ دنيا ۾ وڌيڪ تيل پيدا ڪندڙ ملڪ، آمريڪا نه اوپيڪ ۾ شموليت ئي اختيار نه ڪئي،ڪينيڊا به تيل پيدا ڪندڙ وڏن ملڪن ۾ شامل آهي،انهن به تنظيم ۾ شامل ٿيڻ جو نه سوچيو.ان حوالي سان ڪجهه ٻيا مثال به موجود آهن.هينئر جيئن ايران تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن کي سامهون رکندي، اڪثر عرب ملڪ ،ايران سان همدردي ظاهر ڪن ٿا يا اڻ ڌريا ٿي ويا آهن،پر گڏيل عرب امارتن کلي ڪري اسرائيل جي حمايت ڪئي. يواَي اِي هينئر آمريڪا ۽ اسرائيل کي اهم سيڪيورٽي پارٽنر طور اپنايو آهي.هي عرب ملڪ سمجهي ٿو ته آمريڪا، پرڳڻي جي وڏي طاقت آهي، واشنگٽن تائين رسائي، عالمي اثر رسوخ وڌائڻ جو اهم ذريعو آهي،اسرائيل جي ذريعي به آمريڪا تائين رسائي سولي ٿي وڃي ٿي.انڪري ان نتيجي تي پهچي سگهجي ٿو ته گڏيل عرب امارتن جو معاملو اوپيڪ مان نڪرڻ اهم ناهي، پر آمريڪي ۽ اسرائيلي مفاد اهم آهن.هينئر تيل جي روزاني پيداوار 100 کان 102ملين بيرل آهي،جنهن ۾ يواَي اِي جو حصو نالي ماتر ساڍا ٽي کان چار سيڪڙو آهي. گڏيل عرب امارتن جي مقابلي ۾ سعودي عرب ۽ عراق جي تيل جي پيداوار وڌيڪ آهي.

............................

## اوپيڪ جو تعارف

اوپيڪ، تيل ايڪسپورٽ ڪندڙ ملڪن کي سڏيو وڃي ٿو، جيڪا مستقل تنظيم آهي، جنهن جو هيڊڪوارٽرز آسٽريا جي شهر ويانا ۾ آهي.ان تنظيم جو مقصد ميمبر ملڪن جي پيٽروليم پاليسين کي هڪجهڙو رکڻو آهي.هي تنظيم سيپٽمبر 1960 ۾ قائم ٿي،جنهن جا پنج باني ملڪ هئا،جن ۾ ايران، عراق،ڪويت، سعودي عرب ۽ وينزويلا شامل آهن.

هينئر عالمي تيل منڊي تي اولهه جي تيل ڪمپنين جي هڪ طاقتور ٽولي سيون سسٽرز جو قبضو آهي، جيڪو پيداوار کي ڪنٽرول ڪري ٿو ۽ قيمتون طئي ڪري ٿو.باني ملڪن جو مقصد پنهنجن قدرتي وسيلن تي خودمختياري حاصل ڪرڻ، تيل پيدا ڪندڙ ملڪن لاءِ منصفاڻيون ۽ مضبوط قيمتون يقيني بڻائڻ آهن. گڏيل عرب امارتون 1967 ۾ تنظيم جو حصو ٿيون.اوپيڪ ۾ شامل ملڪ، دنيا جي 35 سيڪڙو تيل تي ڪنٽرول ڪن ٿا.

اوپيڪ پلس وري 2016 ۾ قائم ٿي، جنهن ۾ روس، آذربائيجان، قازقستان، بحرين، برونائي، ملائيشيا، ميڪسيڪو، عمان، ڏکڻ سوڊان شامل ٿيا، ان سان دنيا جي 41 سيڪڙو تيل تي ان تنظيم جو ڪنٽرول ٿيو.هينئر هرمز لنگهه تي آمريڪا ۽ ايران جي تڪرار تيل جي بحران کي جنم ڏنو آهي.انڪري اهي ملڪ، جيڪي ڪنهن ٻئي رستي کان تيل ايڪسپورٽ ڪري سگهن ٿا،اهي اوپيڪ کان هٽي ڪري فيصلا ڪري رهيا آهن، جيئن عارضي طور ئي سهي وڌيڪ فائدو حاصل ڪري سگهن... ■

حبيب سنائيءَ جو سهيڙيل ڪتاب: ”نئين سنڌ ۽ نوجوان“

# وچولي طبقي جو ڪردار

رئوف نظاماڻي



ڊاڪٽر فيروز احمد سنڌي وچولي طبقي جي حوالي سان ان ڳالهه تي زور ڏنو هو ته پنهنجن شهرن جي مالڪي ڪيو. مون کي ياد آهي ته 1977 ۾ پيٽو خلاف قومي اتحاد جي تحريڪ جي ڪري گهڻن سنڌين ڪراچي مان لڏڻ شروع ڪيو هو. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ليارِي ۾ عوامي تحريڪ هڪ سيل قائم ڪيو هو. جنهن ۾ آئون، ڊاڪٽر فيروز، رحيم بخش آزاد، عيسيٰ بلوچ ۽ يعقوب گون هئاسين. ان سيل پاران ان لڏپلاڻ کي روڪڻ لاءِ ڪراچي کي ”دبئي نه سمجهو“ جي عنوان سان هڪ پمفليٽ جاري ڪيو هو. جنهن ۾ ڇاٽايو ويو هو ته. ڪراچي اوهان جو پنهنجو شهر آهي ۽ اوهان هتي رڳو ڪمائڻ خاطر نه آيا آهيو. ان ڪري صورتحال کي منهن ڏيو ۽ شهر ڇڏي نه وڃو

حبيب سنائي سنڌي ادب جو هڪ خاموش ۽ محنتي ڪارڪن آهي. ساڳئي وقت انگريزي ۽ اڙدو ۾ به سندس گهڻو ادبي پورهيو آهي. ترجمن جي حوالي سان سندس خاص سڃاڻپ آهي. تازو سندس ”نئين سنڌ ۽ نوجوان“ جي عنوان سان هڪ ڪتاب آيو آهي، جنهن ۾ سنڌ جي ڏاهن: ڊاڪٽر جي ايم مهڪري، ڊاڪٽر فيروز احمد ۽ اختر حميد خان جي مختلف مضمونن کي سنڌي ويس ۾ پيش ڪيو ويو آهي. جڏهن ته مظهر يوسف جو هڪ مضمون ليلا رام وطن مل لالواڻي تي آهي، جنهن شاهه عبداللطيف جي جيوتي لکي آهي. ان ۾ ڊاڪٽر جي ايم مهڪري جا ست مضمون شامل آهن، جيڪي مختلف وقتن تي سنڌ ڪوارٽرلي ۾ شائع ٿيا هئا.

مهڪري صاحب جو جيترو، منهنجو مطالعو آهي، ان مطابق آئون سمجهان ٿو ته، محمد ابراهيم جويو جيان هو ريناژان جي روشن خياليءَ کان گهڻو متاثر هو. پنهنجن مضمونن ۾ ان ڳالهه کي نظر ۾ رکندي هن سنڌي سماج جو جائزو ورتو آهي. هو سماج جي ترقي ۽ اڳتي وڌڻ جي حوالي سان وچولي طبقي کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. ان ۾ نوڪري پيشه ماڻهن کان وٺي واپارين ۽ دڪاندارن وغيره جي مرڪزي حيثيت آهي. ان سلسلي ۾ هو انگريزن جو مثال ڏئي ٿو، جن کي فرانسيسي ٺوڪ طور ”دڪاندارن جي قوم“ چوندا هئا. پر اهي پنهنجي ان واپار وسيلي اڌ دنيا تي قابض ٿي ويا. سنڌ ۾ ورهاڱي کان اڳ اهو طبقو هڪ موثر ڪردار ادا ڪري رهيو هو، جن مان گهڻا ورهاڱي ڪانپوءِ لڏي ويا ۽ ان حوالي سان سنڌ ۾ هڪ وڏو خال ڇڏي ويا.

تاريخي حوالي سان ليکڪ ان ڳالهه جو به جائزو ورتو آهي ته انگريز جي هندستان تي قابض ٿيڻ ۽ خاص ڪري 1857 جي آزادي جي جنگ ڪانپوءِ جاگيرداريءَ کي وڏو ڌڪ لڳو هو. ساڳئي ريت بنگال ۾ به جاگيرداري ختم ٿي ويئي هئي. پنجاب ۾ مغل سلطنت جي زوال ڪانپوءِ وڏيون زميندارين ۽ جاگيرون وڪري ويون هيون. پوءِ سکن جي اقتدار سنڀالڻ جي ٿوري ئي عرصي ڪانپوءِ انگريزن هٿان شڪست جي ڪري انهن کي ايترو وقت نه ملي سگهيو هو جو اهي وري انهن کي مستحڪم ڪري سگهن. پر سنڌ ۾ ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن: انگريز سرڪار جي پيرن تي ڪِري پنهنجيون شڪارگاهون ۽ جاگيرون بچايون. سنڌ جو عام ماڻهو شڪست کاڌل، هاراپل هاري ڏکن ڏولاون ۾ رهيو. سنڌ ۾ سماجي لحاظ کان زميندارن جي وڏي حيثيت هئي، جڏهن ته انهن هارين کي شودر ڪري ليکيو ويندو هو.

ليکڪ جو خيال آهي ته جيتوڻيڪ سنڌ کي بمبئيءَ سان ڳنڍجڻ جي ڪري سنڌ جي هندو وچولي طبقي ڪجهه اڳيرائي ڪئي، پر جيڪڏهن بمبئيءَ بدران ان کي پنجاب سان ڳنڍيو وڃي ها ته ان دور ۾ پنجاب جي زراعت ۾ جيڪا ترقي ٿي ۽ تبديليون آيون، سنڌ جي زراعت به ان مان فائدو حاصل ڪري سگهي ها.

سنڌ کي پنهنجي آزادي، خودمختياري، ثقافت ۽ ٻوليءَ سان پيار آهي. بمبئيءَ کان عليحدگي جي جدوجهد ان جو هڪ مثال آهي. ساڳئي وقت اهو ضروري آهي ته پنهنجي ماضي ۾ ئي منجمد رهڻ بدران پنهنجي ثقافت ۽ ٻوليءَ کي جديد تقاضائن سان هم آهنگ ڪرڻ گهرجي. هن هڪ اهم ڳالهه اها ڪئي آهي ته، انگريزن پاران سنڌي لپي لاءِ ڪم ڪرڻ ۽ ان کي عام استعمال ۾ آڻڻ هڪ اهم ڪم هو. ٻي صورت ۾ ان جي اها ئي حيثيت هجي ها، جيڪا هن وقت سرائيڪيءَ جي آهي. اڙدو ڳالهائيندڙ مهاجرن جي حوالي سان سندس چوڻ آهي ته، ورهاڱي وقت انهن کي قيوم خان پختون خواه ۾ اچڻ نه ڏنو ۽ پنجاب وارن واهگهه بارڊر بند ڪري انهن کي سنڌ اماڻيو. جڏهن ته 1970ع جي ڍاڪي ۾ جن بهارين کي پنجاب ۾ گهر ڏنا ويا، اهي به پنهنجا گهر وڪڻي ڪراچيءَ هليا آيا. انهن ماڻهن سان مسئلو اهو آهي ته، انهن پارت ۾ به پنهنجي جنم ڀومي کي مادر ڀومي نه سمجهيو ۽ سنڌ ۾ به انهن جو ساڳيو رويو آهي.

ڊاڪٽر فيروز سنڌي وچولي طبقي ۽ مهاجر عليحدگي پسندي جو جائزو ورتو آهي. سنڌي وچولي طبقي جي حوالي سان سندس زور ان ڳالهه تي آهي ته پنهنجن شهرن جي مالڪي ڪيو. مون کي ياد آهي ته 1977 ۾ پيٽو خلاف قومي اتحاد جي تحريڪ جي ڪري گهڻن سنڌين ڪراچي مان لڏڻ شروع ڪيو هو. ان صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ ليارِي ۾ عوامي تحريڪ هڪ سيل قائم ڪيو هو، جنهن ۾ آئون، ڊاڪٽر فيروز، رحيم بخش آزاد، عيسيٰ بلوچ ۽ يعقوب گون هئاسين. ان سيل پاران ان لڏپلاڻ کي روڪڻ لاءِ ڪراچي کي ”دبئي نه سمجهو“ جي عنوان سان هڪ پمفليٽ جاري ڪيو هو، جنهن ۾ ڇاٽايو ويو هو ته. ڪراچي اوهان جو پنهنجو شهر آهي ۽ اوهان هتي رڳو ڪمائڻ خاطر نه آيا آهيو. ان ڪري صورتحال کي منهن ڏيو ۽ شهر ڇڏي نه وڃو. ساڳي ڳالهه هن سانا ڪنوينشن ۾ ڪيل پنهنجي تقرير ۾ ڪئي آهي ته، پنهنجي سڃاڻپ بدران ٻهراڙيءَ جي سنڌ جي ان شهر جي حوالي سان ڪرايو، جتي اوهان رهو ٿا.

مهاجرن جي حوالي سان هو لکي ٿو ته، سنڌ جي ڪراچي شهر ۽ ان جي ٻين علائقن ۾ رهندڙ مهاجرن ۾ فرق آهي. هڪ ته ڪراچيءَ جي مهاجرن جو گهڻي ڀاڱي واسطو يوپي، سي پي ۽ بهار وغيره سان آهي، جڏهن ته حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين علائقن ۾ رهندڙن مان گهڻن جو واسطو ڪڇ، گجرات ۽ راجستان وغيره سان آهي. ٻي ڳالهه ته ڪراچيءَ جو مهاجر مقامي آبادي کان ڪٽيل، پنهنجي خول ۾ بند رهيو، خاص طور ان ڪري به ته شروع ۾ ئي ڪراچيءَ کي سنڌ کان ڌار ڪري وفاقي گاديءَ جو هنڌ ٺاهيو ويو. پوءِ ون يونٽ جي قيام سنڌ جي حيثيت کي ئي ختم ڪري ڇڏيو، ان ڪري 1970 ۾ ڪراچيءَ جو سنڌ کي موٽي ملڻ انهن لاءِ هڪ صدمي مثل هو. جڏهن ته باقي سنڌ جا مهاجر خاص طور ٻوليءَ وارن فسادن کان اڳ سنڌين سان شادين وغيره سميت سماجي لاڳاپن ۾ هئا.



ڪراچيءَ جي مهاجرن جي سياسي ۽ سماجي حيثيت ملڪ جي اترئين حصي مان پنجابي ۽ پٺاڻن جي اچڻ ۽ 1970 ڪانپوءِ سنڌين جي وڏي پئماني تي سرڪاري نوڪرين ۽ ٻين شعبن ۾ اچڻ ڪري متاثر ٿي آهي. اها هڪ منجهيل صورتحال آهي، جنهن جو ويجهي مستقبل ۾ ڪو ديرپا حل نظر نه ٿو اچي.

ڪوميلا ۽ اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ اختر حميد خان جي سڃاڻپ آهن. سندس چوڻ آهي ته، ڪوميلا پروجيڪٽ ايوب خان جي دور ۾ شروع ٿيو هو، جنهن کي هارورڊ جي ماهرن ۽ ورلڊ بينڪ جي سهائتا به حاصل هئي. ان پروجيڪٽ جو مقصد ٻهراڙين جي پورهيتن کي ٽيڪنيڪي ۽ مالي مدد وسيلي پنهنجن پيرن تي بيهارڻ ۽ ٺيڪيدارن ۽ وياج خورن جي آزار مان آجو ڪرڻ هو. انهن ماڻهن کيس ناڪام ڪرڻ لاءِ اها پروپئگنڊا شروع ڪئي هئي ته هو ڪميونسٽ آهي. سندس چوڻ آهي ته، ان موقعي تي ايوب خان جي حڪومت پاران سندس مدد ڪئي ويئي، جنهن جي ڪري اهي ماڻهو ڪامياب نه ٿي سگهيا. ان ساڳئي ماڊل جي طرز تي ان وقت جي اوڀر پاڪستان جي مختلف علائقن ۾ اهڙا پروجيڪٽ شروع ڪيا ويا هئا. هڪ لحاظ کان ان رٿا کي ڊاڪٽر يونس جي گرامين بينڪ جو پيشرو به چئي سگهجي ٿو، پر ان جو دائرو ان کان گهڻو وسيع هو.




بنگلاديش ٺهڻ ڪانپوءِ اختر حميد خان ڪراچي ۽ پشاور ۾ تدريسي ڪم ۾ ڪجهه وقت گذاريو، پر هو جلد ئي ان مان بيزار ٿي پيو. جيتوڻيڪ سندس چوڻ آهي ته ڪراچيءَ جي حالتن جي کيس گهڻي ڄاڻ نه هئي. ٻيو ته ڪوميلا جي ڀيٽ ۾ ڪراچي تمام وڏو شهر هو، پر آغا حسن عابدي جي چوڻ تي هن اورنگي پائلٽ پروجيڪٽ جو ڪم ڪنيو. اهو دنيا جي وڏين ڪچين آبادين مان هڪ علائقو آهي، جتي سنڌي، بلوچ، پٺاڻ ۽ اڙدو ڳالهائيندڙ مطلب ته مختلف ٻولين ۽ نسلن جا ماڻهو رهن ٿا. اهو پروجيڪٽ ڪوميلا کان ان ريت مختلف هو ته، ان ۾ سرڪاري يا هارورڊ وغيره جي صلاحڪارن جي ڪا مداخلت نه هئي. ان سان گڏ هن ڪراچيءَ جي ٻهراڙين ۾ پڻ اهڙيون رٿائون شروع ڪيون.

دراصل انهن رٿائن پويان اهو نظريو هئو ته ماڻهن ۾ صلاحيتون ۽ قابليت موجود هوندي آهي، پر انهن کي بس رڳو رهنمائي ۽ سهائتا جي ضرورت هوندي آهي. اهي ماڻهو ”پنهنجي مدد پاڻ تحت“ صحت، تعليم ۽ سيوريج وغيره جهڙا ڪم به پاڻ ڪندا آهن ۽ کين ان سلسلي ۾ سرڪاري ادارن ڏانهن ڏسڻ جي ضرورت گهٽ پيش ايندي آهي. بهرحال اهو سوال پنهنجي جاءِ تي موجود آهي ته انهن جو سماجي تبديليءَ جي عمل ۾ ڪيترو ڪردار آهي.

مظهر يوسف جو ليلا رام وطن مل لالواڻي تي مضمون نهايت اهميت جو حامل آهي. هي اهڙو ليکڪ آهي، جنهن اڻٿڪ اڻن سالن جي تحقيق سان، جنهن ۾ قرآن مجيد سميت ٻين مختلف ذريعن کان مدد ورتي ويئي آهي، شاهه لطيف جي انگريزي ۾ جيوتي لکي آهي، پر ان ليکڪ ۽ سندس ڪم کي ڪا جوڳي اهميت نه ڏني ويئي آهي. منهنجي خيال ۾ سماجي، نظرياتي ۽ ادبي حوالي سان هڪ اهم ڪتاب آهي، جنهن کي جوڳي پذيرائي ملڻ گهرجي. ■

# ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ پکي پکڻ ۽ جيت جڻيا

**پروفيسر سرور سيف**



چب ۽ چيها:
چِبَ مشهور پکي آهي، جيڪو چبري سان تعلق رکي ٿو ۽ سادو ڏسڻ ۾ ايندو آهي، ان ڪري اڪثر بيوقوف ماڻهوءَ کي "چب" سڏيو ويندو آهي. "چيهو" جهنگ جو پکي آهي. ان بابت ڀٽائي سائين چيو آهي:

"وڏا وٽڪار وٽڪار جا، جت چبون ۽ چيها،
منزل دور، من تنها، ات ٻولن ٻاٻيها،
رائي پيير رت ڪيا، لڳي لک ڏينهان. (سُر معذوري)

**روڏ**

"روڏ." روڏو پکي ڪانوَ جهڙو ٿئي ٿو، جيڪو رڄ ۾ هوندو آهي ۽ جسامت ۾ ڪانوَ ڪان گهٽ وڏو ٿئي ٿو.
"ڏڪئي سنديون ڏونگرين، آڏي آهون پون،
مئي پڇاڻان منڌ کي، روڏ رڄن ۾ روءِ،
پوڻا ائين چون، ته مئي اسان کي ماريو." (سُر معذوري)

**لِلي**

هنج پکيءَ جي هڪ قسم کي "لِلو" چيو ويندو آهي ۽ ان جي ماديءَ کي "للي". جيڪا سنهڙي، سهڻي ۽ سفيد رنگ جي ٿيندي آهي.
"للي لئي رات، سر ۾ ڪيو سوجهرو،
ٻگها ٻاتاڙا ٿئا، وائي ڪن نه وات،
جنگن پنهن جي ذات، نيئي رساٽي روه کي." (سُر ڪارايل)
"للي تي لاتيون ڪيون، سَر ۾ ساري رات،
پڪٽانديون پر پات، هنجهه هٽندي رتيون.(ڪارايل)

**شهباز**

هي شهباز وڏو طاقتور، مارو ڪندڙ آهي، جنهن کي بازن جو بادشاهه به چئجي ٿو.
"ڪوڙي راند، ڪوڙو چٽڪو لڪ سين للو پتو،
ليو جيئن لامن چڙهين، ڪئو ڪارايل ڪٽڪو،
ڪ تو ڪنين نه سئو شهباز جو سٽڪو." (وائي ـ سُر ڪارايل)

**جيت جڻيا**

شاهه سائين پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪائنات جي خلقيل هر ساهه واري کي جاءِ ڏني آهي. پوءِ اها مخلوق خاڪي هجي، نوري يا ناري. اهڙي طرح پکي پکڻ، گلن ٻوٽن ، آبي جيوت، مڇين، ڪرنگهي وارن، بنا ڪرنگهي وارن جانورن، حرام توڙي حلال جانورن، چوپائي مال، جيتن توڙي جڻين جو ذڪر ڪيو آهي.
جيت جڻين جو مقصد اهي ننڍا ننڍا جيت آهي، جن مان ڪي اڏامندا آهن، ته ڪي سُرندا آهن. هيٺ انهن مان ڪجهه جيتن يا جيتامڙن جو ذڪر ڪجي ٿو، جيڪي شاهه سائينءَ جي شعر ۾ موجود آهن.

**اڏوهي**

هي سنهو جيت آهي، جيڪو ولرن جي صورت ۾ ٻرن ۾ رهندو آهي، ۽ جتي به سڪي ڪاٺي يا ڇيٽو هوندو آهي، ان کي بلڪل ڪُرتي ڪاٺي ناس ڪري ڇڏيندو آهي.
"آيل ڪريان ڪيئن، منهن جو نينهن اپليو نه رهي،
اڏوهي جئين ڏڪڙا ، چڙهيا چوٽيءَ سيءَ،
منهن جو نينهن اپليو نه رهي." (وائي ـ سُر سامونڊي)

**ڪيڙيون**

هنن کي ڪوليون، ماڪوڙيون به چيو ويندو آهي. هي ولر جي صورت ۾ هونديون آهن ۽ آنا ڏينديون آهن. ڀتين ۾ سنها ٻِر ٺاهي رهنديون آهن. هنن کي اکيون نه هونديون آهن، پر سنگهڻ واري حواس سان هلنديون آهي.
"نانگ به نمن ان کي، جي ڪيڙي پر ڪنن،
آگو امن تن ڪري، جي انهي پو پچن،
ڳجها ڳجهه وجن، احد جي اسرار ۾."

**سپون، سپ**

"سکو سپن ڪان سرتيون، ريت سڪڻ جي،
مگّن جر مٿان، اوري ڪن نه آسارو." (سُر مارئي)

"سپ سمونڊين سپجي، ابر آسار وس،
ٻاڙو پيئي نه ٻيڙي، منو منهن لڳوس،
ماڻڪ تي مڙيوس، جيئن تنگ ڪديائين تار ۾." (سُر مارئي)

**ڪپر**

"ڪپر ڪي ڪاءِ ، نانگ مٽيارو نڪري،
اپو جي اوناءِ ، سر پرسندي سڄڻين."

ڪپر گاروڙين سين، وڏو وڏءِ وير،
نانگ نه ويندي نڪري تو ڏر مٿي پير،
هي تنين جو ڏير، جن جهونا ڳڙه جلايو." (سُر ڪارايل)
(سپ: نانگ بلا، سنسڪرت ٻولي جو لفظ آهي. شاهه سائين ڪيترن ئي جاين تي نانگ کي سَپ چئي ڳايو آهي."
"آسڻ جو آريج ، تن جي وه جو ورن ٻيو،
تن جو ڪندوئي ڪم ڪري، جن مٿن پير پيو،
پرئنيان آهي پڏرو، تن نانگن جو نهو،
ڪلي ويل ڪيهو، جو سامهو ٿئي سپن کي." (سُر ڪارايل)

**پؤنر**

"ڪؤنر پاڙون پاتال ۾ پؤنر پري ۾ سج،
ٻنهي سندي ڳالهڙي عشق اي اهج،
توءِ نه لهين اج ، جي پيو پين پاڻ ۾."

ڪؤنر پاڙون پاتال ۾ ، پؤنر پري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس ، جنهن محبتي ميڙئا." (ڪارايل)

**پتون**

"ٻارنهن ڪن ٻٽيهه تڙ، تڙ تڙ مٿي پتون،
اتيو آڏي رات ۾ ، سهٽي ڏي سٽون،
ڇڏيو ڪير ڪتون، لڏي لهرين وچ ۾." (سهڻي)

**ڪارو نانگ ـ اصيل**

"ڪاري ڪُرلجي، جي اڻ ڪجاٽيو ڪاءَ ،
جاڙيان اندر جيء ۾ ڳجهو تو ڳالهاءِ،
ات اوساماءِ ، جت رتي ناهي ريج جي." (ڪارايل)

پهرين ڪاري نانگ جي ڪو چرڪيل چيڙ ڪري،
جي هٽي ڏنگ ڏسائيو نه ڏيهو تان نه وري،
جيڪي ٽپ مري، جيڪي سڪي صحت ڪي."

**ڪاريهر**

"ڪارا ڪن ڪاري تڳي ڪاريهر ڪڙڪا،
مئي متي مهراڻ ۾ اڇن ڏپارا دڙڪا،
ويندي ساهڙ سمهان جهول ڏنس جهڙڪا،
ڪر ڪن جا ڪڙڪا، سونهان نه ٿينس سير ۾."

**واسينگ**

هي به ڪاري ڪاريهر نانگ کي چيو ويندو آهي،
"سنها پاڻ ۾ سپ، وياءَ واسينگن جا،
جنهين جي جهڙپ، هاٿي هنڌائين نه چري.

سنها پاڻ م سپ، سڪا جنين پيٽ
تنين جي جهپيٽ، جنگن کي جوکو ٿئي (ڪارايل)
ان طرح ڀٽائي سائينءَ ڏينيو، چيلاٽي، هندوا (مينهن وساڙا)، جيون، ڦهيار (مڇي جو قسم)، ڪيڙ، چچڙ، پتنگ، آرون (ننڍي تڏ يا مڪڙ جيڏو جيت) ۽ پوئنرا (پاڻيءَ جا ڪارڙا سنها جيت) جو به ذڪر ڪيو آهي. ■




اي آءِ کي چيو ته، ڀٽائي سائين جي تصوير ٺاهي ڏيو جنهن ۾ پکي به هجن. ۽ ان هيءَ ٺاهي ڏني.

## چِٽي جا اسان تائين پهتي

# شاهه سائينءَ جيان انگريز شاعرن به جانورن ۽ پکين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهه ڏني آهي

**ڊاڪٽر اسلم سنديلو**



پنهنجي محبتي دوست پروفيسر سرور سيف صاحب جو مختصر پر جامع ليک (ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ پکين جو ذڪر) پڙهي دل کي ڏاڍي سرهائي ٿي. هونئن به سائين نثر توڙي نظم جي صنفن تي قوي قدرت رکندڙ آهي.
شاهه لطيف جي بيتن ۾ سنڌ سان لاڳاپيل موضوعن جو اڻٽٽ سلسلو ملي ٿو. جن جو سڌو سنئون لاڳاپو سنڌين جي رهڻي ڪهڻي، وڻج واپار ، سنڌ ۾ وسندڙ جيوَ ۽ انهن جي ڪِرت، سنڌ جي ثقافت ۽ تهذيب سان آهي. سنڌ کي قدرت پاران ڏنل بيشمار نعمتن جو شاهه سائينءَ پنهنجي شاعريءَ ۾ بار بار ذڪر ڪيو آهي.
پروفيسر سرور سيف صاحب پکي پکڻ جي خصلتن کي استعاري ۽ علامتي ويس ۾ نهايت پيرائتي انداز سان، شاهه سائين جي ڏنل بيتن جي روشني ۾ خوب نڀايو آهي. بيشڪ هو اهڙي عمده ليک لکڻ تي مبارڪن جو مستحق آهي.
شاهه سائينءَ جيئان انگريز شاعرن به ڪيترن جانورن ۽ پکين کي پنهنجي شاعريءَ ۾ جڳهه ڏئي، انهن کي فطرتي خوبصورتي ءَ سان رڱيو آهي. جان ڪيٽس پنهنجي زندگيءَ ۾ حسن ۽ خوبصورتيءَ کي قدرت جو حسين تحفو ۽ هميشه نه مرجهائيندڙ خوشين جو سبب سمجهندو هو.
جان ڪيٽس جي نظم Endymion جي هن مصرع، شاعريءَ جي دنيا ۾ ڪيس امر ڪري ڇڏيو:
" "A thing of beauty is a joy for ever (هڪ خوبصورت چيز به، هميشه لاءِ خوشيءَ جو سبب بڻجي ويندي آهي.)
هن عظيم شاعر جو اشارو مور پکي ڏانهن آهي ته ڪيئن نه، مور کي پنهنجي ڪنين تي ناز هجي ٿو. چمن جي ڪنهن باغيچي ۾، پنهنجا ڪنپڙا کولي، ٽلندو، رقص ڪندي، هو ڪيڏو نه حسين پاسندو آهي ۽ ان وقت ان نظاري کي ڏسندڙ موهت ٿي ويندو آهي. اهڙي حسن جي جڏهن به ياد ايندي ته دل جهومڻ لڳندي ۽ من معطر ٿي ويندو آهي، يعني حسن روح جي تراوت ۽ دلي خوشيءَ جو هميشه لاءِ سبب بڻجي ويندو آهي.
ڪيٽس سان زندگيءَ ساٿ نه ڏنو ۽ هو صرف جيون جا 25 سال ماٽي سگهيو ۽ پوءِ ٽي بيءَ جهڙي موذي مرض ۾ گذاري ويو.
اسان جي سنڌ سڀوريءَ جو مهان شاعرُ شاهه لطيف به اهڙن، دنيا جي عظيم شاعرن جي سٽ مان هو ۽ دنيا رهندي، ادبي دنيا جي افق تي هميشه لاءِ زنده ۽ جاويد رهندو. ■

# حيدرآباد جو وڌندڙ بحران

عرفان هارون



حيدرآباد جي شهرين کي جيڪا غير منصفاڻي لوڊشيڊنگ ڀوڳڻي پوي ٿي، اها نه رڳو انتظامي ڪمزوريءَ جو ثبوت آهي، پر اها انتظامي پاليسيءَ جي اڻبرابريءَ کي به ظاهر ڪري ٿي. ڪيترن ئي علائقن ۾ روزانو 10 کان 14 ڪلاڪن تائين بجلي بند رهڻ عام ڳالهه بڻجي چڪي آهي. گئس جي فراهمي پڻ هڪ سنگين مسئلو بڻجي وئي آهي. پاڻيءَ جي فراهمي پڻ شهر جي سڀ کان پيچيده مسئلن مان هڪ بڻجي وئي آهي. شهرين کي سراسري طور تي روزانو 3 کان 4 ڪلاڪ پاڻي ملي ٿو، جيڪو به پنهنجيءَ مرضيءَ وارن وقتن تي ڏين ٿا.

سنڌ جو تاريخي، ثقافتي ۽ واپاري مرڪز حيدرآباد ڪنهن زماني ۾ پنهنجي سونهن، سرسبز وڻن سان سينگاريل رستن، صاف سٿرن باغن، منظم آبادي ۽ نسبتاً بهتر شهري سهولتن سبب هڪ مثالي شهر طور سڃاتو ويندو هو. اها ڪا گهڻي پراڻي ڳالهه ناهي، جو هن شهر جي سڃاڻپ ان جي ڪُليل رستن، رونق ڀرين بازارن ۽ هڪ حد تائين فعال شهري نظام سان جڙيل هئي، پر وقت گذرڻ سان گڏ هي شهر ترقيءَ جي راهه تي اڳتي وڌڻ بدران اهڙي جمود ۽ زوال جو شڪار ٿي ويو آهي، جتي بنيادي سهولتن تائين رسائي به هڪ ڏکيو ڪم بڻجي چڪي آهي. اڄ جو حيدرآباد شهر پنهنجي ماضيءَ کان بلڪل مختلف تصوير پيش ڪري ٿو، ۽ اها تبديلي رڳو ظاهري ناهي پر شهري زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي پنهنجو اثر ڇڏيندي نظر اچي ٿي.

حيدرآباد جي آباديءَ بابت سرڪاري انگ اکر پلي 20 کان 25 لک جي وچ ۾ ٻڌائين، پر شهري واڌ، غير رسمي آبادين ۽ نئين رهائشي اسڪيمن کي نظر ۾ رکندي ماهران تعداد کي 30 کان 40 لک تائين سمجهن ٿا. اهڙي تيزيءَ سان وڌندڙ آباديءَ جي ڀيٽ ۾ شهري ڍانچي (انفراسٽرڪچر) ۾ ڪو به مناسب اضافو نه ٿيو آهي. پاڻيءَ جي روزاني ضرورت بابت غير سرڪاري اندازي موجب شهر کي روزانو لڳ ڀڳ 350 کان 400 ملين گيلن پاڻي گهربل آهي، جڏهن ته فراهمي ان کان ڪافي گهٽ آهي، جنهن سبب شهرين جي روزمره جي زندگي سخت متاثر ٿي رهي آهي. ساڳي صورتحال بجلي ۽ گئس جي شعبي ۾ به ڏسڻ ۾ اچي ٿي، جتي طلب ۽ فراهميءَ جي وچ ۾ وڌندڙ فرق هاڻي مستقل بحران جي صورت اختيار ڪري چڪو آهي.

بجليءَ جي فراهميءَ جي ذميواري حيدرآباد اليڪٽرڪ سپلاءِ ڪمپني (HESCO) وٽ آهي، پر شهرين کي جيڪا غير يقيني ۽ غير منصفاڻي لوڊشيڊنگ ڀوڳڻي پوي ٿي، اها نه رڳو انتظامي ڪمزوريءَ جو ثبوت آهي، پر اها انتظامي پاليسيءَ جي اڻبرابريءَ کي به ظاهر ڪري ٿي. ڪيترن ئي علائقن ۾ روزانو 10 کان 14 ڪلاڪن تائين بجلي بند رهڻ عام ڳالهه بڻجي چڪي آهي، جڏهن ته ڪجهه علائقن ۾ اهو وقت گهٽ رکيو وڃي ٿو. ان فرق شهرين ۾ محروميءَ جو شديد احساس پيدا ڪيو آهي، خاص طور تي انهن ماڻهن ۾ جيڪي پابنديءَ سان بل ادا ڪن ٿا، پوءِ به انهن کي ساڳين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو، جيڪي بل نه ڏيندڙ علائقن ۾ رهندڙن کي پيش اچن ٿيون. اونهاري جي موسم ۾ جڏهن گرمي پد 40 ڊگري سينٽي گريڊ کان وڌي وڃي ٿو، ته ڊگهي لوڊشيڊنگ نه رڳو تڪليف ڏيندڙ پر خطرناڪ به ثابت ٿئي ٿي، خاص طور تي بزرگن، ٻارن ۽ مريضن لاءِ

گئس جي فراهمي، جيڪا سوئي سدرن گئس ڪمپني (SSGC) جي ذميواري هيٺ آهي، به هڪ سنگين مسئلو بڻجي وئي آهي. شهر جي اڪثر علائقن ۾ گئس رڳو 5 کان 6 ڪلاڪ روزانو ملي ٿي، اها به غير يقيني وقتن تي. ان جو سڌو اثر گهريلو زندگيءَ تي پوي ٿو، جتي صبح ناشتو تيار ڪرڻ ۽ شام جو ماني پچائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي. ان صورتحال ماڻهن کي متبادل ذريعن، خاص طور ايل پي جي سلينڊرس ڏانهن ڌڪي ڇڏيو آهي، جيڪي نه رڳو مهانگا آهن، پر ڪيترن موقعن تي خطرناڪ به ثابت ٿيا آهن. ماضيءَ جا حادثا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته اهو مسئلو صرف سهولت جو ناهي، پر انساني جاني تحفظ سان به لاڳاپيل آهي.

پاڻيءَ جي فراهمي (جيڪا حيدرآباد واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن (HW&SC) جي ذميواري آهي) شهر جي سڀ کان پيچيده مسئلن مان هڪ بڻجي وئي آهي. شهرين کي سراسري طور تي روزانو 3 کان 4 ڪلاڪ پاڻي ملي ٿو، جيڪو به پنهنجيءَ وارن وقتن تي ڏين ٿا، جنهن سبب گهريلو نظام سخت متاثر ٿئي ٿو. ڪيترن ئي علائقن ۾ صورتحال ان کان به خراب آهي، جتي پاڻي هڪ ڏينهن ڇڏي يا ان کان به گهٽ ملي ٿو. ان کوٽ واٽر ٽينڪرن جي هڪ غير منظم پر مضبوط نيٽ ورڪ کي جنم ڏنو آهي. هڪ ٽينڪر جي قيمت 1500 کان 3000 رپين تائين پهچي وئي آهي، جيڪا وچولي طبقي تي هڪ وڏو واڌارو مالي بار آهي.




جيڪڏهن ان بحران کي صرف انگن اکرن جي روشنيءَ ۾ ڏٺو وڃي ته، تصوير اڌوري رهجي وڃي ٿي، ڇاڪاڻ ته ان جو اصل اثر انساني زندگيءَ تي پوي ٿو. لطيف آباد جي هڪ وچولي گهراڻي جو مثال وٺجي ته، صبح جو پاڻي نه هئڻ سبب ٻارن کي اسڪول موڪلڻ ۾ ڏکيائي پيش اچي ٿي. ڏينهن ۾ ڊگهي بجليءَ جي اٿهوند سبب بزرگ ماڻهو سخت گرميءَ کي ڀوڳن ٿا، ۽ شام جو گئس نه هجڻ ڪري ماني پچائڻ هڪ چئلينج بڻجي وڃي ٿو. اها صورتحال رڳو هڪ گهر يا علائقي تائين محدود ناهي، پر سڄي شهر جي اها گڏيل ڪهاڻي آهي.

ڦن بحران جو سڀ کان وڏيڪ بار وچولي ۽ هيٺئين وچولي طبقي تي پوي ٿو. يو پي ايس، جنريٽر، سولر سسٽم، واٽر ٽينڪر ۽ گئس سلنڊر جهڙا متبادل هاڻي ماڻهوءَ جي ضرورت بڻجي چڪا آهن، پر اهي سڀ اضافي خرچ آهن، جيڪي اڳ ئي مهانگائيءَ هيٺ دٻيل شهرين لاءِ وڌيڪ مشڪلاتون پيدا ڪن ٿا. هڪ محتاط اندازي موجب، هڪ وچولو گهراڻو انهن متبادل ذريعن تي ماهوار 10 کان 20 هزار رپيا اضافي خرچ ڪرڻ تي مجبور آهي، جيڪو ان جي آمدنيءَ جو وڏو حصو بڻجي وڃي ٿو.

ڪاروباري ۽ واپاري سرگرميون به ان صورتحال کان سخت متاثر ٿي رهيون آهن. ننڍا دڪاندار، ريڙهي وارا ۽ ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ ماڻهن جي آمدني سڌي طرح بجلي جي نه هئڻ سبب تمام گهڻي متاثر ٿئي ٿي. صنعتي يونٽن کي به غير يقيني توانائي فراهميءَ سبب نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو، جنهن جو اثر مجموعي معيشت تي پوي ٿو.

جيڪڏهن تقابلي جائزو ورتو وڃي ته ملڪ جي ٻين وڏن شهرن ۾ به مسئلا موجود آهن، پر اتي ڪنهن حد تائين شيڊولنگ، شڪايتن جي ازالي ۽ متبادل انتظامن جو نظام موجود آهي. ان جي ابتڙ، حيدرآباد شهر ۾ بنيادي سهولتن جي فراهمي هڪ غير يقيني ۽ غير منظم عمل نظر اچي ٿي، جيڪا انتظامي ڪمزوريءَ کي نمايان ڪري ٿي.

هتي چونڊيل عوامي نمائندن جو ڪردار به انتهائي اهم بڻجي وڃي ٿو. عوام انهن کي ان لاءِ چونڊي ٿو ته هو سندن مسئلا اثرائتي نموني سان لاڳاپيل فورمن تي کڻن، ادارن جي ڪارڪردگيءَ تي نظر رکن ۽ پاليسي سازيءَ ۾ عوامي مفاد کي اوليت ڏين، پر جڏهن مسئلا مستقل شڪل اختيار ڪن ۽ انهن جي حل لاءِ ڪا واضح اڳڀرائي نظر نه اچي، ته اهو سوال اٿڻ فطري آهي ته نمائندگيءَ جو حقيقي ڪردار ڪيتري حد تائين نڀايو پيو وڃي. اثرائتي رابطي، ادارتي نگراني ۽ جوابدهيءَ جو نظام اهي بنيادي عنصر آهن، جن کان سواءِ بهتري ممڪن ناهي.

هيءَ سموري صورتحال ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪري ٿي ته مسئلو صرف وسيلن جي کوٽ جو ناهي، پر مسئلو رٿابندي، ترجيحن ۽ انتظامي صلاحيت جو به آهي. جيڪڏهن بروقت قدم نه کنيا ويا ته هي بحران وڌيڪ ڳنڀير ٿيندو ويندو. ان جي حل لاءِ ضروري آهي ته بجلي، گئس ۽ پاڻيءَ جي فراهميءَ جي نظام کي جديد گهرجن مطابق بهتر بڻايو وڃي، شفافيت کي يقيني بڻايو وڃي ۽ شهرين سان منصفاڻو سلوڪ ڪيو وڃي

حيدرآباد جي موجوده صورتحال هڪ واضح چتاءُ آهي ته جيڪڏهن شهري سهولتن کي سنجيدگيءَ سان نه ورتو ويو ته هي مسئلو رڳو انتظامي ناڪامي نه رهندو، پر هڪ انساني بحران ۾ تبديل ٿي ويندو. هي صرف بجلي، گئس يا پاڻيءَ جو مسئلو ناهي، پر شهري وقار، زندگيءَ جي معيار ۽ هڪ سڄي شهر جي مستقبل جو سوال آهي. جيڪڏهن اڄ فيصلاڪُن قدم نه کنيا ويا ته ايندڙ وقت ۾ هي بحران وڌيڪ پيچيده ٿي ويندو—۽ پوءِ تاريخ پاڻ فيصلو ڪندي ته هن شهر کي هن حالت تائين پهچائڻ ۾ ڪوتاهي ڪٿي ٿي. ■

# سنڌ جو سائنسدان ڊاڪٽر منظور حسين سومرو

منل جسڪاڻي





> پروفيسر ڊاڪٽر منظور حسين سومرو اِي سي او سائنس فائونڊيشن جو ويجهي ماضيءَ ۾ صدر رهي چڪو آهي. اها فائونڊيشن 10 ملڪن جي هڪ بين الحڪومتي تنظيم آهي، جنهن ۾ افغانستان، آذربائيجان، ايران، قازقستان، ڪرغزستان، پاڪستان، تاجڪستان، ترڪي، ترڪمانستان ۽ ازبڪستان ميمبر ملڪ طور شامل آهن. اها فائونڊيشن سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ايس ٽي اِي ايم تعليم (STEM Education)جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري ٿي. هي پاڪستان سائنس فائونڊيشن جو چيئرمين، پاڪستان سائنٽيفڪ اينڊ ٽيڪنالاجيڪل انفارميشن سينٽر جو ڊائريڪٽر جنرل ۽ پاڪستان ميوزيم آف نيچرل هسٽري جو ڊائريڪٽر جنرل رهي چڪو آهي.

منهنجي خيال ۾ پروفيسر ڊاڪٽر منظور حسين سومرو پاڪستان سميت دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ نامور سائنسدان، تعليمي ماهر، محقق ۽ منتظم طور سڃاتو وڃي ٿو، ان ڪري سندس تعارف ڪرائڻ ڏکيو ته لڳي پيو، پر ضروري به سمجهان پيو.

پروفيسر ڊاڪٽر منظور حسين سومرو، جيتوڻيڪ مون کان ڪجهه سال سينئر ۽ گهڻ پڙهيو آهي، پر حسنِ اتفاق اهو آهي ته، اسان ٻنهي سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان، پهرين گريجوئيشن ۽ پوءِ پوسٽ گريجوئيشن (بي ايس سي ۽ ايم ايس سي) ڪئي. اسان ٻنهي جو پوسٽ گريجوئيشن دوران تحقيق جي مد ۾ نگران استاد ساڳيو، پروفيسر ڊاڪٽر غلام رسول (جي آر) سولنگي صاحب هو. عملي زندگيءَ ۾ اسان ٻئي مختلف ادارن ۾ رهي به، هڪٻئي جي ڪارڪردگيءَ کان واقف ۽ رابطي ۾ رهياسين. جڏهن ته سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام ۾ سومرو صاحب جيترو به وقت رهيو، اسان هڪٻئي سان سهڪاري رهياسين ۽ وڌيڪ ملاقاتن جي ڪري هڪ ٻئي بابت وڌيڪ ڄاڻڻ شروع ڪيو. اسان ٻنهي هڪٻئي جا اڪثر ريسرچ پيپر وغير به پڙهيا آهن.

پروفيسر ڊاڪٽر منظور حسين سومرو اِي سي او سائنس فائونڊيشن جو ويجهي ماضيءَ ۾ صدر رهي چڪو آهي. اها فائونڊيشن 10 ملڪن جي هڪ بين الحڪومتي تنظيم آهي، جنهن ۾ افغانستان، آذربائيجان، ايران، قازقستان، ڪرغزستان، پاڪستان، تاجڪستان، ترڪي، ترڪمانستان ۽ ازبڪستان ميمبر ملڪ طور شامل آهن. اها فائونڊيشن سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ ايس ٽي اِي ايم تعليم (STEM Education)جي واڌاري لاءِ ڪم ڪري ٿي.

اِي سي او سائنس فائونڊيشن کان پهرين پروفيسر ڊاڪٽر منظور حسين سومرو پاڪستان سائنس فائونڊيشن جو چيئرمين، پاڪستان سائنٽيفڪ اينڊ ٽيڪنالاجيڪل انفارميشن سينٽر جو ڊائريڪٽر جنرل ۽ پاڪستان ميوزيم آف نيچرل هسٽري جو ڊائريڪٽر جنرل رهي چڪو آهي. هن پاڪستان زرعي تحقيقاتي ڪائونسل ۾ سينئر محقق، سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ پروفيسر ۽ گڏيل قومن جي خوراڪ ۽ زراعت واري اداري (ايف اِي او) ۾ انٽيگريٽيڊ پيسٽ مئنيجمينٽ ماهر طور پڻ ڪم ڪيو آهي. ان دوران هن ڏکڻ اوڀر ايشيا ۾ جديد "فارمر فيلڊ اسڪول (ايف ايف ايس)" اپروچ ذريعي، غير رسمي تعليمي پروگرام لاڳو ڪيو. 2010ع کان هيءُ اڪيڊمي آف سائنسز ۽ فرانس جي تعاون سان پاڪستان ۾ انڪوائري تي ٻڌل سائنس ايجوڪيشن (آءِ بي ايس اي (IBSE)/La main a la pate) کي فروغ ڏئي رهيو آهي. ويجهڙائي ۾ هن، اِي سي او علائقي ۾، آئي بي ايس اي جي رول آئوٽ جي اڳواڻي به ڪئي آهي.

ڊاڪٽر سومرو ٻين به ڪيترين ئي سائنٽيفڪ سوسائٽيز، ادارن ۽ فورمز جو ميمبر آهي ۽ مختلف عهدن تي ذميواريون نڀائيندو رهيو آهي. انهن ۾ IAP SEP جي گلوبل ڪائونسل، يونيسڪو جي ISTIC، ملائيشيا جي سرپرستي هيٺ انٽرنيشنل سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ انوويشن سينٽر فار سائوٿ_ سائوٿ ڪوآپريشن (International Science, Technology and Innovation Centre for South-South Cooperation under the auspices of UNESCO –ISTIC) جو گورننگ بورڊ، ايشين STI ٿنڪ ٽينڪس نيٽ ورڪ (ASTN) ۽ انٽرگورنمينٽل پليٽ فارم فار بايو ڊائيورسٽي اينڊ ايڪوسسٽم سروسز (IPBES) به شامل آهن.

جڏهن ته ڊاڪٽر منظور 2017–18ع کان چين جي بيلٽ اينڊ روڊ انٽرنيشنل سائنس ايجوڪيشن ڪنسورشيم (Belt and Road International Science Education Consortium – BRISEC) جو نائب صدر به آهي ۽ ان پروگرام تحت هر سال چين ۾ نوجوانن جا سکيا پروگرام به ڪندو اچي. ان نسبت سان ڪيس چين جي حڪومت پاران چائنيز گورنمينٽ فرينڊشپ ايوارڊ 2020 به ڏنو ويو آهي.



ڊاڪٽر منظور حسين سومرو ۽ منل جسڪاڻي

مجموعي طور ڊاڪٽر منظور حسين سومرو کي محقق، تعليمدان ۽ سائنسي بنيادن تي منتظم / مئنيجر (انتظام ڪاري) جو 30 سالن کان وڌيڪ عملي تجربو آهي. ماضيءَ ۾ انڊس ڪلچرل فورم جو چيئرمين به رهي چڪو آهي ۽ اڃا به سٽ جو سرگرم رڪن آهي.

آئون ڪنهن به نئين يا پراڻي لاءِ ڪجهه به نه چوندس، نه لکندس، پر پروفيسر ڊاڪٽر منظور حسين سومرو لاءِ، آئون ايترو ضرور چوندس ۽ لکندس، ته هي چا مان چا تي پيل شخص آهي. ■





# ”پنجاب جي ماڻهن کي سنڌين کان سکڻ گهرجي ته پنهنجي ڌرتي، درياهه ۽ ٻولي سان سچو پيار ڪيئن ڪجي.“

## لاهور ۾ محمد خان ابڙي جي آتم ڪٿا ”وڄن سور سنڌا ڪيو“ جي پنجابي ٻوليءَ ۾ ٿيل ترجمي واري ڪتاب جي مهورتي تقريب ۾ اظهار نالي وارن اديبن، صحافين ۽ سياستدانن جو اظهار.

شوڪت ميمڻ



لاهور ۾ سنڌ جي نامياري ليکڪ، ڪالم نگار ۽ سماج سڌارڪ محمد خان ابڙو جي آتم ڪٿا جي ڪتاب ”وڄن سور سنڌا ڪيو“ جي پنجابي ٻوليءَ ۾ ڪيل ترجمي واري ڪتاب بعنوان ”هڏ بيتي“ جي مهورتي تقريب منعقد ٿي. ڪتاب جو پنجابي ٻوليءَ ۾ ترجمو نالي واري ڪالم نگار ڊاڪٽر صغريٰ صدف ڪيو آهي. تقريب ۾ شريڪ اديبن سندس ترجمي کي تمام گهڻو ساراهيو.




اها تقريب سنڌ ۽ پنجاب جي وچ ۾ ادبي، فڪري ۽ ثقافتي ويڇن کي گهٽائڻ لاءِ هڪ اهم وک جهڙو قدم هئي. تقريب ۾ ملڪ جي جن ناليوارن اديبن، دانشورن، صحافين ۽ سياسي ۽ سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي، انهن ۾ قمر زمان ڪائره، چوڌري منظور، سينئر صحافي مجيب الرحمان شامي، فلمساز سيد نور، حفيظ الله نيازي، ميان حبيب، آصف آفان، ڊاڪٽر جواز جعفري، شيرين مسعود، رخسانه ڊيوڊ، هجويري پٽي، ازڪا مسعود، يوسف پنجابي، اسلم شاهد، انور چانڊيو، نصير احمد، امجد اقبال امجد، شيخ حبيب الله، نبيل نجم، ڊاڪٽر طارق شريف زاده، حمزه قرمط، مقصود احمد بٽ، شوڪت ميمڻ، غفار چچر، چاڪر شورو، قاضي رفيق، ياسر شورو ۽ ٻيا شامل هئا.
انهن شخصيتن جي شرڪت مان هن تقريب جي اهميت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.
تقريب لاهور جي گلبرگ جي هڪ پوش ڪلب ۾ منعقد ٿي، جتي سول سوسائٽي جي نمائندن، اديبن، شاعرن، ليکڪن ۽ مختلف شعبن سان لاڳاپيل ماڻهن جي علمي، فڪري ۽ ثقافتي موضوعن تي خيالن جي ڏي وٺ سبب وڏي اهميت وارو هو. سڀني، مختلف خيالن جي شريڪ ماڻهن هڪ ٻئي کي ٻڌڻ ۽ سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي.
اها تقريب مختلف سياسي نظرين، ادبي ويچارن ۽ سماجي سوچن سان تعلق رکندڙ شخصيتن جي فڪري ويجهڙائپ جي ابتدا پڻ هئي.

### ڪتاب جي اهميت ۽ فڪري پهلو:

تقريب کي خطاب ڪندي پيپلزپارٽيءَ جي اڳواڻ قمر زمان ڪائره چيو ته، هيءُ ڪتاب ”هڏ بيتي“ سنڌ ۽ پنجاب جي ماڻهن وچ ۾ فاصلا گهٽائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو. هن چيو ته محمد خان ابڙو پنهنجي ڪتاب ۾ سنڌ جي سماج جا مختلف پهلو ذاتي مشاهدي سان بيان ڪيا آهن، جن ۾ قومپرستي، پورهيتن جا مسئلا، سماجي رويا ۽ ثقافتي روايتون شامل آهن.
ڊاڪٽر صغريٰ صدف پنهنجي خطاب ۾ چيو ته، هي ڪتاب صرف هڪ ادبي ترجمو نه آهي، پر ٻن ثقافتن جي وچ ۾ سمجهه پيدا ڪرڻ جي ڪوشش آهي. هن زور ڏنو ته، ”هڏ بيتي“ کي پنجاب جي تعليمي نصاب ۾ شامل ڪيو وڃي ته، جيئن هتان جو نئون نسل سنڌ جي سماج، تاريخ ۽ ثقافت کي ويجهي نموني سمجهي سگهي. گڏوگڏ اهو به سکي ته محنت ۽ جدوجهد سان انسان ڪيئن پنهنجو مقام ٺاهيندو آهي.
حفيظ الله نيازي چيو ته، محمد خان ابڙو سنڌ جو هڪ رول ماڊل آهي، ۽ هي ڪتاب پنجاب جي پڙهندڙن لاءِ به اتساهه جو ذريعو بڻجندو.
چوڌري منظور چيو ته هڪ سنڌي ليکڪ جو پنجابي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل ڪتاب صرف مصنف لاءِ نه، پر پوري پنجاب لاءِ فخر جو باعث آهي.

### سيد نور جو فلمي تصور




کاٻي پاسي کان: ڪتاب جي مترجم ڊاڪٽر صغريٰ صدف، قمر زمان قائره، محمد خان ابڙو ۽ چوڌري منظور ڪتاب جي مهورت ڪندي.

مشهور فلمساز سيد نور چيو ته .هڏ بيتي“ تي هڪ مڪمل فيچر فلم ٺاهي سگهجي ٿي. هن چيو ته جيڪڏهن کيس موقعو مليو ته هو هن ادبي ڪم کي اسڪرين تي پيش ڪرڻ کي پنهنجو اعزاز سمجهندو.

### ثقافتي ۽ لساني بحث

مختلف مقررن چيو ته سنڌي ماڻهو پنهنجي ٻولي، ثقافت ۽ ڌرتي سان بيحد محبت ڪن ٿا، جڏهن ته پنجابي سماج آهستي آهستي پنهنجي ٻولي کان پري ٿيندو پيو وڃي. هنن زور ڏنو ته پنجابي ماڻهن کي سنڌين کان سکڻ گهرجي ته پنهنجي ڌرتي، درياهه ۽ ٻولي سان سچو پيار ڪيئن ڪجي.

### پڄاڻي ۽ ادبي خراج تحسين

تقريب جي آخر ۾ محمد خان ابڙو جي ادبي خدمتن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيو ويو. شرڪت ڪندڙن اميد ظاهر ڪئي ته سندس لکڻيون مستقبل ۾ به مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچنديون ۽ سنڌي ادب کي وڏيڪ وسيع سطح تي متعارف ڪرائينديون. هيءَ تقريب ڪتاب جي مهورت سان گڏ نئين فڪري سفر جي شروعات پڻ هئي، اهڙو سفر جيڪو سنڌ ۽ پنجاب جي ماڻهن کي وڌيڪ ويجهو آڻڻ جي صلاحيت رکي ٿو. ■

# پي ٽي وي ڪراچي: ڪجھ يادگيريون

امر اقبال



استيڊيم روڊ ڪراچيءَ تي واقع، پي ٽي وي ڪراچي مرڪز تي پهريون دفعو وڃڻ ڪڏهن ٿيو هو؟ اهو ياد نہ ٿو پويم، باقي ان کان پوءِ 1994ع ۾ پياري فياض چنڊ سان گڏ ويو هيس فياض لاءِ ڪوئي ڪم تلاشڻ. سميع بلوچ صاحب ۽ بيدل مسرور صاحب سان مليا هئاسون. فياض، نواب شاهہ کي خيرباد چئي، ڪراچيءَ جو ٿيڻ آيو هو ڪوئي روزگار ڳولڻ. ان کان پوءِ وري 1996ع ۾ رمپا پلازا ۾ سنڌي ادبي سنگت جي گڏجاڻيءَ ۾ سميع بلوچ صاحب دعوت ڏني تہ ڦلاڻي ڏينهن تي پي ٽي ويءَ اچو، ۽ پنهنجي شاعريءَ جو ڪو هڪ اسم بہ ڪنيون اچو، اوهان کان ٿي تحت الفظ ريڪارڊ ڪنداسون. آيس، رڪارڊنگ ٿي. مون پنهنجو نظم ”اسان جي دل پيي عجيب دل آ“ رڪارڊ ڪرايو. ساڳئي ڏينهن تي ڪجھ ٻيا شاعر بہ پهتل هيا، جن مان اياز قادري صاحب، نور رضوي صاحب، علي گل سانگي ۽ اسان جو دوست اظهر ٻانيڻ ياد پون ٿا.

ساڳئي ڏينهن تي سميع صاحب، احمد مغل جي هڪ گيت جي آڊيو رڪارڊنگ بہ ڪئي هئي. اهو احمد جو ٽي ويءَ تي پهريون گيت هيو. آڊيو رڪارڊنگ الڳ ون گو ۾ ٿيندي هئي، ۽ احمد انهيءَ رڪارڊنگ ۾ هر هر اڏ ۾ اٽڪي پئي پيو. سميع صاحب کي هر هر چيائين پئي: ”ادا! ڇڏيو... هي ڪم مون کان زور آهي...“

سميع صاحب وراڻيس پئي: ”نہ.... توکي ڳارائڻو آهي...“ سرمد سنڌي انهيءَ ئي سالِ تازو وڇڙيو هو.


سميع بلوچ

مون کي پي ٽي ويءَ تي ڪمپيئر جي حيثيت سان آڻڻ جو ڪريڊٽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ سولنگي صاحب ڏانهن وڃي ٿو. اڳ ۾ ريڊيو پاڪستان خيرپور تي، هڪ ڪمپيئر جي حيثيت ۾ ساڻس ڪافي ڪم ڪري چڪو هيس، جڏهن هو اتي پروڊيوسر هيو. پي ٽي وي ڪراچيءَ تي شروع ۾ سولنگي صاحب مون کان ڪجھ مشاعرن جي ميزباني ڪرائي، ان کان پوءِ 2019ع ۾ ڪووڊ-19 وارن ڏينهن ۾ هفتيوار ادبي پروگرام ”ادب سنسار“ جي شروعات ٿي، جيڪو 2023ع تائين جاري رهيو. سولنگي صاحب مون کي ان پروگرام جي ميزباني ڪرڻ جي آڇ ڪئي. امجد حسين شاهہ رضوي صاحب پروگرام جو نگران هيو. ”ادب سنسار“ جو سيٽ نامياري آرٽسٽ منظور منگيءَ ڊزائين ڪيو هو. جيتوڻيڪ منهنجي لاءِ اهو هڪ نئون تجربو هو، پر مون حامي ڀري ۽ گهڻي محنت سان اهو پروگرام ڪيم.

ان پروگرام ۾ مون جن اديبن سان ڪچهريون ڪيون، انهن سينئر توڙي نوجوان اديبن جي هڪ ڊگهي فهرست آهي: امداد حسيني، يوسف شاهين، مهتاب اڪبر راشدي، مدد علي سنڌي، ڊاڪٽر نواز علي شوق، ڊاڪٽر قاضي خادم، نذير ناز، نصير اعجاز، ايازگل، تاج جويو، رسول ميمڻ، نصيرمرزا، ادل سومرو، محمود مغل، عبدالغفار تبسم، هدايت بلوچ، قربان منگي، اسحاق انصاري، شبنم گل، اختر درگاهي، چندر ڪيسواڻي، عطيہ داؤد، شفقت حسين وڌو، نور رضوي، نور احمد ميمڻ، ڊاڪٽر نجمہ

> جنهن ڏينهن اسان پي ٽي وي تي وياسين، ان ڏينهن سميع بلوچ صاحب، احمد مغل جي هڪ گيت جي آڊيو رڪارڊنگ بہ ڪئي هئي. اهو احمد جو ٽي ويءَ تي پهريون گيت هيو. آڊيو رڪارڊنگ الڳ ون گو ۾ ٿيندي هئي، ۽ احمد انهيءَ رڪارڊنگ ۾ هر هر اڏ ۾ اٽڪي پئي پيو. سميع صاحب کي هر هر چيائين پئي: ”ادا! ڇڏيو... هي ڪم مون کان زور آهي...“ سميع صاحب وراڻيس پئي: ”نہ.... توکي ڳارائڻو آهي...“ سرمد سنڌي انهيءَ ئي سالِ تازو وڇڙيو هو.

نور، ڊاڪٽر عابد مظهر، عبدالخالق عبد، ڪوثر ٻرڙو، ڊاڪٽر ذوالفقار سيال، عزيز گوپانگ، ڊاڪٽر ضمير قل، محمد علي پٺاڻ، چندر ڪيسواڻي، ڊاڪٽر اسحاق سميجو، سعيد منگي، ڊاڪٽر مخمور بخاري، ڊاڪٽر فياض لطيف، ڊاڪٽر شير مهراڻي، منظور خاموش، اي بي لاشاري، ڊاڪٽر رياضت ٻرڙو، طارق قريشي، وسيم سومرو، گلبدن جاويد مرزا، نجمہ پنهور، ثمينہ ميمڻ، ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل، ممتاز بخاري، فرزانہ شاهين، نصير سومرو، رحمت پيرزادو، سنڌو پيرزاده، امر پيرزادو، باک پيرزاده، ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي، ڊاڪٽر رحمت الله احسن، سعيد امروٽي، محمود اياز، احساس ميرل، حسن شيخ، سورج سجاولي، ميرصوبدار سعيد، ڪاظم حاجاڻو، عربيہ نور، ارشد رضوي، لاريب مصطفيٰ سولنگي، دوست محمد چانڊيو، آصف نظاماڻي... ۽ ٻيا.


امداد حسيني کان انٽرويو ڪندي

”ادب سنسار“ ۾ ڪجھ اردو اديبن جا انٽرويو بہ ڪيم، جن ۾ سليم مغل، فراست رضوي، نسيم نازش، سلمان ثروت ۽ ٻيا شامل هيا. پروفيسر اسد جعفريءَ جو انٽرويو مون ۽ قنديل جعفريءَ گڏجي ڪيو هو.

”ادب سنسار“ جا ٻہ پروگرام آئوٽ ڊور رڪارڊ ٿيا هئا، جن مان هڪ امداد حسيني صاحب جي گهر ۽ ٻيو مئڊم مهتاب اڪبر راشديءَ جي گهر. ٻنهي گهرن ۾ ڪيل پرتڪلف مانجهاندا بہ ياد رهندا.

ان ادبي پروگرام جا ڪجھ خاص شمارا بہ رڪارڊ ٿيا، جيئن، ”دوستَ پيهي در آيا“ گڏيل ڪچهري ۽ مشاعري تي مشتمل هيو، جنهن ۾ امداد حسيني، ڊاڪٽر سحر امداد، اياز گل، ادل سومرو، نور رضوي، سميع بلوچ، اختر درگاهي ۽ ساحر راهو شريڪ ٿيا. اها هڪ يادگار ڪچهري هئي. ”مان ذرو، تون مهتاب“ جي عنوان سان هڪ خاص پروگرام مئڊم مهتاب راشديءَ سان ڪچهريءَ تي مشتمل هيو، جنهن ۾ مئڊم مهتاب سان گڏ ڊاڪٽر آفتاب ابڙو، پروفيسر سليم ميمڻ، شبنم موتي ۽ مختيار ملاح شريڪ هئا. ”پريم نگر جو وڻجارو“ جي عنوان سان هڪ پروگرام صوفي راڳي سهراب فقير جي ياد ۾ رڪارڊ ٿيو، جنهن ۾ امجد حسين شاهہ رضوي، اختر درگاهي ۽ قربان منگي شريڪ ٿيا. ان پروگرام ۾ سهراب فقير جي پٽن: رجب سهراب، سلامت سهراب ۽ سنڌن


احمد مغل (تصوير محمد ياسر جي وال تان ورتل)

سُنگ، سهراب فقير جا ڳايل ڪلام ڳايا.

لطيف سائينءَ جي عرس مبارڪ جي موقعي تي هڪ خاص پروگرام رڪارڊ ٿيو، جنهن ۾ ڊاڪٽر فاطمہ حسن، ڊاڪٽر شير مهراڻي ۽ فقير حاجن نظاماڻيءَ شرڪت ڪئي. هڪ پروگرام نور رضوي صاحب سان ڪچهريءَ تي مشتمل هيو، جنهن ۾ نور صاحب سان گڏ اختر درگاهي، قربان منگي ۽ ارشد رضوي بہ شريڪ ٿيا هئا. هڪ خاص پروگرام شفقت حسين وڏو صاحب جي ادب ۽ مصوريءَ جي شعبن ۾ ڪيل ڪم جي حوالي سان رڪارڊ ٿيو، جنهن ۾ شفقت صاحب سان گڏ نور رضوي، سعيد منگي، محمد علي پٺاڻ ۽ الطاف وڌو شريڪ ٿيا. ايئن هڪ پروگرام شفقت حسين وڌو صاحب جي مرتب ڪيل ”شاهہ جي رسالي“ (ٻہ ڀاڱا)، جي موضوع تي پڻ ٿيو هو، جنهن ۾ شفقت صاحب سان گڏ بيدار جعفري، ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي ۽ ڊاڪٽر رحمت الله احسن شريڪ ٿيا هئا. شيخ اياز جي 100 هين جنم ڏينهن جي نسبت سان هڪ پروگرام رڪارڊ ٿيو، جنهن ۾ يوسف شاهين، ڊاڪٽر عاليہ امام، ڊاڪٽر فاطمہ حسن، ادل سومرو، نور احمد ميمڻ ۽ ڊاڪٽر فهيم شناس ڪاظمي شريڪ ٿيا. مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي حوالي سان خاص پروگرام ۾ نور احمد ميمڻ، نصير سومرو ۽ ڊاڪٽر عبدالرحمان جسڪاڻي شريڪ ٿيا. مولانا شاهہ محمود امروٽيءَ جي حوالي سان خاص پروگرام ۾ نور احمد ميمڻ، نصير سومرو ۽ تنوير ابڙو شريڪ ٿيا. نشار بزميءَ جي حوالي سان خاص پروگرام ۾ نور رضوي، نصير سومرو ۽ سعيد امروٽي شريڪ ٿيا.

نوجوان شاعرن سان هڪ ڪچهري بہ رڪارڊ ٿي هئي، جنهن ۾ انهن کان شاعري بہ ٻڌي سون. ان ڪچهريءَ ۾ روشن شيخ، آزاد انصاري، جاويد جبار، مونس رضوي، اسد بروهي، اشفاق چانڊيو ۽ ابوبڪر لاڙي شريڪ ٿيا هئا.

”ادب سنسار“ ۾ ورتل هيڏن سارن انٽرويوز مان ڪي ٿورڙا مان ٽرانسڪرائيب ڪري سگهيس جيڪي هفتيوار ”ڪاوش دنيا“ جي هنن ئي صفحن ۾ شايع ٿيا ۽ بعد ۾ گذريل سال 2025ع ۾ سنڌ جي ثقافت واري کاتي پاران ”مُنهن مقابل ٿياس“ جي نالي سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا.

ڪجھ عرصو اڳ اياز گل صاحب جي ٻن ڄاڻن سفرنامن تي الڳ الڳ پروگرام رڪارڊ ٿيا. اياز صاحب بہ ٻنهي پروگرامن ۾ شامل رهيو. ايران جي سفرنامي ”سارا ٽڪ لهي ويا“ تي گفتگو ڪندڙن ۾ تاج جويو، نور رضوي ۽ ڊاڪٽر فائزه زهرا مرزا شامل هيا ۽ آمريڪا، ترڪي ۽ ميڪسيڪو جي سفرنامي تي ٿيل گفتگوءَ ۾ قربان منگي، ڊاڪٽر ايوب شيخ ۽ ڊاڪٽر ابراهيم ڪرل شامل هيا.

”ادب سنسار“ پروگرام جي پڇاڙيءَ کانپوءِ مون کي ”ڪچهري“ پروگرام جي ميزبانيءَ جي ذميداري ملي، جيڪا تاحال نڀاهي رهيو آهيان. آفتاب ڪريم بلوچ صاحب هن پروگرام جو پيشڪار آهي. سنڌ جا سگهڙ ۽ راڳي هن پروگرام ۾ مهمان هوندا آهن. ڪنهن زماني ۾ ان پروگرام جي ميزباني سيد صالح محمد شاهہ ڪندو هو. صالح محمد شاهہ کان پوءِ ڊاڪٽر ڪمال جامڙي، ڪجھ سالن تائين اها ذميداري نڀائي. ڪانئس پوءِ ڪجھ عرصو عزيز گوپانگ صاحب ”ڪچهريءَ“ کي ڪنڊڪٽ ڪيو. ان بعد ٿورڙو عرصو سگهڙ خليل الرحمان مهيسر بہ ان پروگرام جي ميزباني ڪئي، ۽ هينئر اها ذميداري مان نڀائي رهيو آهيان. ■

آتر ڪتا جو ورق

# شين جي عمر ايڏي وڏي ۽ انسان جي عمر ايتري مختصر ڇو آهي ؟!



فوزيا سنديلو



سوچيندي آهيان ته. لطيف سائين ايئن ڇو چيو آهي: "جي قيام مڙن ته به ويجها پائنج سپرين!" ڪيڏو درد آهي انهن لفظن ۾!

ڏکوئيندڙ لفظ، اذيتناڪ وڇوڙو ۽ قيامت ۾ ملڻ جو به ڪو آسرو نه! مون کي ته اهي جڳهيون به ڏک ڏئي وينديون آهن، جتي بابا ڪڏهن ويهي چانهه پيتي هئي، ڪتاب پڙهيا هئا ۽ شام جو ٻنين ۾ پنڌ ڪيو هو. ٻڙ جو اهو وڻ، جنهن جي هيٺان بابا ۽ چاچا جو گڏجي ويهڻ، اڳيان توت جو وڻ ۽ چوڌاري ساوين ٻنيون. بس ڳوٺ ۾ اهي ئي ته جڳهيون هونديون هيون، جتي بابا سڪون جا لمحا گذاريندو هو ۽ پنهنجي ننڍڙي ڪمري ۾، جتي واڻ واري هڪ کٽ ۽ ڪتابن سان ڀريل هڪ ڪٻٽ ۽ هڪ ٽيبل رکيل هوندي هئي. بابا وٽ پيو ذاتي سامان ڏاڍو گهٽ هوندو هو، بس وٽس ڪتاب گهڻا هوندا هئا.

امان ته ٻڌائيندي آهي ته، "پهريان ڏاڍا ڪتاب هوندا هئا اسان جي گهر ۾ (پراڻو گهر، جيڪو پوءِ چاچي حاڪم علي سنديلي ۽ سندس پٽن جو ٿيو) جڳهه نه هجڻ ڪري ڳوٺيون ڀري ڏوڪري لائبريري ۾ موڪلي ڇڏيا هئا." پوءِ به منهنجي نظر مان جيڪي ڪتاب گذريا، تن ۾ سنڌي ادب جا چونڊ بهترين ڪتاب، شيخ اياز جا، سائين جي ايم سيد جا، ابراهيم جويي جا ۽ گهڻا انگريزي عالمي ادب جا ڪتاب هوندا هئا: گوگول، دوستو وسڪي، ٽالسٽاءِ، چيخوف، شيڪسپيئر، جيڪ لنڊن، خليل جبران، آسڪر وائيلڊ ۽ جواهر لعل نهرو. ۽ اهي ڪٻٽن جي تاڪين مان پيا تڪيندا هئا. بابا مون کي ڪو ڪتاب پڙهندي ڏسندو هو ته، ڪتاب جو نالو ضرور پڇندو هو. هڪ دفعي جڏهن مان پنهنجو ناول لڪي ڇڏيو هو، ان کان پوءِ بابا مون کي چيو هو، "جارج آرول کي پڙهجان. هن جو هڪ ناول اٿئي 1984 ۽ ٻيو Animal farm."

دنيا جي تاريخ جا ڪتاب به بابا وٽ هوندا هئا، جن ۾ جواهر لال نهرو جو Glimpses of World History به شامل هئو، جيڪو ايترو ته آسان ۽ وڻندڙ ٻولي ۾ لکيل هو، جو مون کي پڙهندي وڻندو هو. هاڻي جڏهن به ڪو ڪتاب کوليندي آهيان ته ان جي ڪِن خاص لفظن ۽ سٽن تي سائي رنگ واري پين جا، بابا جا لڳايل نشان يا انڊرلائين ڏسي روح ۾ روڄ راڙو مچي ويندو آهي. ڪٿي، بابا جي هٿ اکرن ۾، ڪنهن انگريزي لفظ جي معنيٰ لکيل هوندي آهي، ۽ مان بابا جي انهن هٿ اکرن تي پنهنجو هٿ گهمائي بابا جي هٿن جو ڇهاءُ محسوس ڪندي آهيان. بابا جي نرم، سنهن هٿن سان لکيل لفظ!!

بابا وٽ پهرين ايڊيشن واري آڪسفورڊ لرنرز ڊڪشنري هوندي هئي، جا ڪيس پنهنجي استاد سائين رضوان عمراڻي ڏني هئي. اها وٽس سالن کان سنڀاليل هئي. بابا جو ان ڊڪشنري سان گهڻو چاهه هيو. هڪ دفعي اها مون ڪٿي اچي پنهنجي گهر رکي. بابا ڳولا ڪندي مون کان پڇڻ آيو. چيم: "بابا مان ڪٿي آئي آهيان." چيائين: "بس تو وٽ پئي هجي." اها اڄا تائين مون وٽ ئي پئي آهي.

شين جي عمر ايڏي وڏي ۽ انسان جي عمر ايتري مختصر ڇو آهي؟! هاڻي بابا سان ملڻ لاءِ قبرستان ويندي آهيان، انهن ٻنين مان گذرندي، جتان بابا گذرندو هيو. ڏکوئيندڙ اهو رستو ڊگهو ٿيندو ويندو آهي ۽ دردناڪ به. ■

خالق جو ادنيٰ 'عبد'

# اندر کي ڪَوري پيش پيش ڪيل ڪلام

فقير محمد ڏول



شاعري، دراصل جهانِ ديگر آهي ۽ ياد رکڻ کپي ته شاعري جڏهن به، جنهن تي به پنهنجا درَ ۽ دريون کولِيندي آهي ته رنگ چوڪا ٿي ويندا آهن _ ۽ جيڪڏهن شاعري پنهنجا در بند ڪري ڇڏي ته، شاعر ويچارو وڃي ويندو آهي. ان ڪري چيو ويندو آهي ته، "تخليقي ڪم نه ٿئي ته زبردستي نه ڪجي، پر ادبي ڪِرت جاري رکندي پڙهڻ ۽ پروڙڻ گهرجي _ يا جيستائين ٻيڪڙيل دروازا ۽ دريون وري کُلن، تيستائين ترجمي نگاريءَ تي ڪم ڪجي."

عصرِ حاضر ۾ شاعريءَ جا ڪتاب، ڪپڙن جي رنگين تاڪيَن جيان کُليا پيا آهن، پر انهن جا خريدار ڪونهن. سبب گهٽ پڙهڻ به آهي، ته ستو نه لکڻ به آهي. اهڙي صورتحال ۾ جن شاعرن تي شاعري 'مهربان' رهي آهي، اُهي به جڻ ته 'نامهربان' ٿي ويا آهن ۽ پنهنجي مُنهن، پنهنجي شاعريءَ سميت گوشه نشيني اختيار ڪيو ويٺا آهن.






حياتيءَ ۾ جن شاعرن سان ويجهڙائي رهي آهي، تن ۾ قبلا سائين 'سيد مرتضيٰ ڏاڏاهي' اوَس شامل آهن. هڪ وڏو شاعر، ڪيڏو سادو آهي، اهو اندازو مون کي قبلا سائينءَ کي ويجهو رهي ۽ ويجهو کان ڏسي ٿيو. منهنجي، قبلا 'استاد بخاريءَ' سان ملاقات ڪونهي رهي، پر منهنجو خيال آهي ته استاد بخاري به پنهنجي وجود ۾ شاعريءَ سان گڏ سادگي ڪٿي هلندو هو. ائين ئي مون کي ڏيک ويک ۾ قبلا سائين مخدوم محمد زمان 'طالب المولي' به اهڙا ئي سادا ۽ نفيس وجود لڳن ٿا. شاعرن جي اهڙن سادڙن وجودن ۾ سائين 'عاجز اُجڻ' کي به آءٌ وساري نٿو سگهان ۽ وساري ته آءٌ سائين مير عبدالرسول 'مير' کي به نٿو سگهان _ الله اڪبر... هڪڙا نفيس ۽ محبتي وجود، جيڪي پنهنجي پاڪُر ۾ جو، پرينِ ته دل جي اُڪير، سِڪَ، سُڪون ۽ آٿتن جي هڪڙي ڪائنات جُڙي پوي ۽ ماڻهو پاڻ کي آجو ۽ هلڪو محسوس ڪري. اها يقينن انهن جي سادڙن وجودن ۽ مُحبتن جي ڪرامت هوندي.

هيءُ ڪتاب 'تِي ويو آ پيارُ ٻِيٽُو' به هڪڙي گوشه نشين ۽ سادڙي وجود جي مالڪ سائين عبدالخالق 'عبد' جو 'ڪلام' آهي، جيڪو پاڻ کي 'خالق' جو ادنيٰ 'عبد' ٿو ڪوٺي. وٽس ڪا وڏائي، ڪوهَٽُ، ڪا آڪڙ ڪونهي، توڙي جو سندس شاعريءَ مجتائن جا ايڏا مٿاهان پَدَ ماڻيا آهن، جو انهن لاءِ سوَين پيا سَڏون ڪن.

هيءُ ڪتاب 'تِي ويو آ پيارُ ٻِيٽُو' به هڪڙي گوشه نشين ۽ سادڙي وجود جي مالڪ سائين عبدالخالق 'عبد' جو 'ڪلام' آهي، جيڪو پاڻ کي 'خالق' جو ادنيٰ 'عبد' ٿو ڪوٺي. وٽس ڪا وڏائي، ڪوهَٽُ، ڪا آڪڙ ڪونهي، توڙي جو سندس شاعريءَ مجتائن جا ايڏا مٿاهان پَدَ ماڻيا آهن، جو انهن لاءِ سوَين پيا سَڏون ڪن.

جڏهن 'عبد' سائينءَ جو، 'امرتا پبليڪيشنس' جي پاران پهريون ڪتاب 'سوچن جو سنسار' ۽ ٻيو ڪتاب 'تنهنجي ڪاوڙ ۾ آ قرب گهڻو' ڇپيو سين ته جيڪا سائينءَ وٽ لهجي جي سادگي، عاجزي ۽ انڪساري ملي، تنهن جڻ ته مون کي موهي پنهنجو ڪري ورتو ۽ اها سادگي، عاجزي ۽ انڪساري اڄ به سندن حياتيءَ جي ملڪيت آهي.

سائين عبدالخالق 'عبد' جي اها خوبي آهي ته هُنن پنهنجي ورثي جي پوئواري ڪئي آهي ۽ شاعريءَ ۾ فني توڙي فڪري طور سندن اُڏام جو رستو ساڳيو قبلا سائين 'طالب المولي،' قبلا سائين 'مرتضيٰ ڏاڏاهي،' قبلا سائين 'استاد بخاري،' سائين 'عاجز اُجڻ' يا منهنجي مهربان سائين مير عبدالرسول 'مير' صاحب وارو رهيو آهي. سادي ٻوليءَ ۾ اعليٰ ڪلام پيش ڪرڻ جو هُنر، سندن اسلوب رهيو آهي. سندن هيءُ ڪلام پنهنجي نج پج اسلوب وارو سادو ڪلام آهي، جيڪو پنهنجي اندر کي ڪوري پيش ڪيو ويو آهي. ■

خاڪ فقير چيو: ”ڪارو اصل ۾ رنگ ناهي، بي رنگيءَ جي حالت آهي.“

# خاڪ فقير ڪان پڇيل ڪجهه سوال

ذوالفقار علي ڪمبوهه





اسان جي ڳوٺ جو بزرگ رحيم بخش اها ڳالهه ڪندو هيو ته، گهڻو علم حاصل ڪرڻ سان انسان پاڳل ٿي وڃي ٿو. اسانکي اها ڳالهه ننڍپڻ ۾ سمجهه ۾ نه آئي، پر هاڻي ريٽائرمنٽ ڪانپوءِ پنهنجي ڳوٺ حڪيم سنديلو، تعلقو باقراڻي، ضلعو لاڙڪاڻو ۾ هڪ جهوپڙي، جنهن کي ”همدم هائوس“ سڏين ٿا، اتي ويٺي ڪيترائي ڀيرا سوچيم ته، علم انسان کي پاڳل ڪيئن ٿو بڻائي سگهي؟
پر هاڻي مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته، واقعي ائين ٿيندو آهي. مون ان جو عملي مظاهرو ڏٺو آهي.
اڪثر ڪراچيءَ واري گهر ”ذوالقرنين ڪاٽيج“ ۾ ٽپال ذريعي ڪتاب ايندا آهن، جيڪي اڄڪلهه ڳوٺ ڪٽي ايندو آهيان ته، اسان جو مالهي: بخت علي، ڪتابن جو بنڊل ڏسي چپ ٿي ويندو آهي ۽ وڻن جي ڪاٽ ڪوٽ ۾ مصروف رهندو آهي.

**چانهه جي سبيل ورهائڻ ڪانپوءِ آستاني تي ويٺل ماڻهن مان هڪ ڄڻي پڇيو: ”ڏائڻ ڪي ڪيئن پڪڙجي؟“ خاڪ فقير چيو: ”ڪهڙي ڏائڻ؟ ڪا به ڏائڻ نه هوندي آهي!“ سيئي ويٺل کلڻ لڳا. سوال ڪندڙ چيو: ”پر قبرستان وٽ ماڻهو مري وڃن ٿا!“ خاڪ فقير سمجهايو: ”رات جو وڻ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڇڏين ٿا، تنهنڪري آڪسيجن گهٽجي ٿي ۽ ماڻهو مري سگهي ٿو، ان ۾ ڏائڻ جو ڪو هٿ ناهي.“ ”چنڊ تان پٿر اڇلايو ته زمين تي ڪڏهن پوندو؟“ ٻئي سوال تي خاڪ فقير چيو: ”چنڊ مٿان نه، سامهون آهي، تنهنڪري زمين هيٺ نه، مٿان نظر ايندي.“ هاڻي ته ڪل جو طوفان اچي ويو. خاڪ فقير جو صبر ختم ٿي ويو. هن جي بدن جو رنگ وڏيڪ ڪارو ٿيڻ لڳو. مان اڳتي وڌيس. خاڪ فقير جي ويجهو ويس، ۽ سندس هٿ تي ادب سان چُمي ڏنم.**

هن دفعي هو هڪ ليمي جو وڻ ڪٽي آيو ۽ پارڪ جي پرسان فاريسٽ ۾ لڳائي ڇڏيائين ۽ چيائين ته، هي ليمون سال جا ٻارهن مهينا ڦر ڏيندو آهي ۽ هن تي هر موسم ۾ ليمان لڳندا آهن.
اڄ جڏهن ليمي جي وڻ تي ٻُور آيو ته ان وقت بخت مالهي ٻوٽن کي پاڻي ڏئي رهيو هو. هن پاڻيءَ جو نل بند ڪيو ۽ اسٽڊي ٽيبل ڏانهن ويو. ٿوري دير ڪان پوءِ آيو ته، سندس هٿ ۾ ڪتابن جو هڪ بنڊل هو، جيڪو اسان ڪراچيءَ مان آندو هيو. مان اتي ئي ڪتاب ڏسڻ لڳس. بخت مالهيءَ ويجهو اچي، آهستي چيو: ”صاحب! گهڻا ڪتاب پڙهڻ سان علم جو ٽپ چڙهي وڃي ٿو.“
مون حيران ٿي هن ڏانهن ڏٺو ۽ مرڪندي ڪيس چيو: ”ادا، اهي سڀ خيالي ڳالهيون آهن. علم سان ائين نٿو ٿئي.“
اهو ٻڌي بخت مالهي پنهنجي ڪلهي تي رکيل ڪپڙو لاٿو، پگهر اگهيو ۽ سنجيدگي سان مون ڏانهن ڏسي چيو: ”صاحب! اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ اهڙو ماڻهو موجود آهي.“
منهنجا ڪَن ڪڙا ٿي ويا: ”ڪير آهي اهو؟“
بخت مالهي مسڪرائيندي چيو: ”خاڪ فقير!“

....

مون کي ياد آيو ته جڏهن مان سول جج جي امتحان لاءِ تياري ڪندو هئس ته اسانجي ڳوٺ جي ڪهاڻيڪار ۽ ليکڪ قربان سنديلي صاحب جي پٽ امتياز سنديلي سان ڪڏهن ڪڏهن ملاقات ٿيندي هئي ۽ هو پنهنجي شاعريءَ سان گڏ شيخ اياز جي شاعري پڻ ٻڌائيندو هيو. هن جي پنهنجي شاعريءَ به سنڌ جي چونڊ رسالن ۾ ڇپجي هئي. بعد ۾ هن جڏهن سنڌي ادب ۾ ماسٽر آف فلاسافي ڪئي ته هو هن ڳوٺ ۾ صرف هڪ ئي پڙهيل ماڻهو ٿيو ۽ اهو به هاڻي هوش ۾ ناهي.
خاڪ فقير جيڪب آباد جي ڪنهن اسڪول ۾ ٽيچر هو، اتان اها نوڪري ڇڏي ڳوٺ واپس اچي ويو، ۽ هاڻي ڏوڏي شهيد جي آستاني تي زمين تي ويهي ڀنگ پيئندو آهي ۽ شيخ اياز جي شاعري انهن کي ٻڌائيندو آهي، جن جي جمالياتي حس ئي ڀنگوريل آهي ۽ هيءُ پنهنجو اصلي رنگ وڃائي ويٺو آهي.
ڏوڏي شهيد جو قبرستان اسان جي ڳوٺ جي ٿورڙي پنڌ تي آهي ۽ اسان تي تجسس جو ڀوت سوار ٿي چڪو هو، جنهن ڪري مون بخت مالهيءَ ڪان پڇيو: ”بخت، ڇا مان ڏوڏي شهيد جي آستاني تي وڃي انهيءَ خاڪ فقير کي ڏسي سگهان ٿو؟“
بخت هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو:
هڪ ڏينهن ڏوڏي شهيد جي قبرستان تي ويس ۽ پنهنجي والدين جي قبرن تي فاتح خواني ڪرڻ ڪانپوءِ آستاني جي مهتمم ڊولڻ فقير ٻڌايو ته، خاڪ فقير اتي ويٺل آهي. آستاني ۾ داخل ٿيندي ئي مون ڏٺو ته امتياز زمين تي پلٿي هڻي ويٺل آهي ۽ ڀنگ جا به پيالا هڻي اسان ڏانهن متوجهه ٿيو. هيءُ نوجوان ”خاڪ فقير“ هو. اسان جي ڳوٺ جو سيني ڪان وڏيڪ پڙهيل، جنهن اُٿي، وڏي محبت سان ملي اسان جو آڌرڀاءُ ڪيو ۽ ڊولڻ کي ڳڙ واري چانهه جي سبيل جو بندوبست ڪرڻ جو چيو.

اسان ڪانئس چار ادبي سوال ڪيا، جن جا خاڪ فقير جيڪي جواب ڏنا، سي هيٺ پيش ڪجن ٿا:
سوال 1: ادب ڇا آهي؟
جواب: ادب رڳو لفظن جو مجموعو نه، پر انساني احساسن، تجربن ۽ سوچن جو آئينو آهي. اهو سماج جي روح کي ظاهر ڪري ٿو ۽ انسان کي پنهنجي سڃاڻپ سان روشناس ڪرائي ٿو.
سوال 2: سٺو اديب ڪير هوندو آهي؟
جواب: سٺو اديب اهو هوندو آهي جيڪو صرف لکي نه، پر محسوس به ڪري جنهن جي قلم ۾ سچائي، فڪر ۽ انسانيت جو درد هجي، ۽ جيڪو پنهنجي لفظن سان پڙهندڙ جي دل کي ڇهي سگهي.
سوال 3: ادب ۽ سماج جو ڪهڙو لاڳاپو آهي؟
جواب: ادب ۽ سماج هڪ ٻئي جا عڪس آهن. سماج ادب کي جنم ڏئي ٿو، ۽ ادب سماج کي شعور ڏئي ٿو. جيڪڏهن سماج بيمار هجي ته ادب ان جي علاج جو وسيلو بڻجي ٿو.
سوال 4: تخليق جو بنيادي سرچشمو ڪهڙو آهي؟
جواب: تخليق جو بنيادي سرچشمو انسان جو اندر آهي— ان جا احساس، ڏک، خوشيون ۽ مشاهدو جڏهن اهي سڀ عنصر لفظن جي صورت وٺن ٿا ته تخليق جنم وٺي ٿي.
چانهه جي سبيل ورهائڻ ڪانپوءِ آستاني تي ويٺل ماڻهن مان هڪ ڄڻي پڇيو:
”ڏائڻ ڪي ڪيئن پڪڙجي؟“
خاڪ فقير چيو: ”ڪهڙي ڏائڻ؟ ڪا به ڏائڻ نه هوندي آهي!“
سيئي ويٺل کلڻ لڳا.
سوال ڪندڙ چيو: ”پر قبرستان وٽ ماڻهو مري وڃن ٿا!“
خاڪ فقير سمجهايو: ”رات جو وڻ ڪاربان ڊاءِ آڪسائيڊ ڇڏين ٿا، تنهنڪري آڪسيجن گهٽجي ٿي ۽ ماڻهو مري سگهي ٿو، ان ۾ ڏائڻ جو ڪو هٿ ناهي.“
سڀ کلڻ لڳا.
ٻيو سوال ٿيو:
”ڪارو رنگ ڪيئن ٺهندو آهي؟“
خاڪ فقير چيو: ”ڪارو اصل ۾ رنگ ناهي، بي رنگيءَ جي حالت آهي.“
سيئي ويٺل وڏيڪ کلڻ لڳا.
ٽيون سوال: ”چنڊ تان پٿر اڇلايو ته زمين تي ڪڏهن پوندو؟“
خاڪ فقير ٻيوس ٿي چيو: ”چنڊ مٿان نه، سامهون آهي، تنهنڪري زمين هيٺ نه، مٿان نظر ايندي.“
هاڻي ته ڪل جو طوفان اچي ويو. خاڪ فقير جو صبر ختم ٿي ويو. هن جي بدن جو رنگ وڏيڪ ڪارو ٿيڻ لڳو. مان اڳتي وڌيس. خاڪ فقير جي ويجهو ويس، ۽ سندس هٿ تي ادب سان چُمي ڏيندي چيم:
”خاڪ فقير! جهالت جو سمنڊ دليل جي پٿر سان پار نٿو ڪري سگهجي.“
خاڪ فقير جا چپ ڏڪيا ۽ رنگ بدلجڻ لڳو ۽ سندس اکين ۾ نمي تري آئي. ■

# غزل

## علي دوست عاجز



ڪَوڙي، ڪَسي نه آهي، نَمڪين زندگي آ
ٽِڪَ تي، رَتن سان نِڪتل لائِين زندگي آ

نِيرو سمُوندَ آهي، سُهڻا سُفيد سِي _ گل
ڳاڙِهي شفق ڳِلن جان، رنگين زندگي آ

ٻارن جيان ڪِلي ٿي، محبُوب جان مِلي ٿي
ناهين، ته نِينهَن وانگي، نابِين زندگي آ

ٽاندن جو ٽالُهه، ڪنهن جي هَٿ مان ڪِري پيو آ
ڪوشش ڪريان ته ڪهڙِي، قالِين زندگي آ

_ ٽِڪَ : آئينو، شيشو.
_ رَتنُ : هِيرو.
_ سِي _ گل : ساموندي سُفيد پکي

## ڪاوش ڪتاب: انجلي (نثري نظم) _ شاعر: حبيب ساجد

# هڪ شاعر، جيڪو چوي ٿو: ”جنگيون بند ڪيو ته اسان جون محبوبائون اسان جو انتظار ڪري رهيون آهن“

امر پيرزادو



نثري نظم جي سگهاري شاعر ۽ ڪالم نويس حبيب ساجد جو نثري نظمن جو پهريون ڪتاب ”انجلي“ پوسٽ ذريعي منهنجي گهر پهتو. ان تي مونکي ياد آيو ته، جڏهن 2013ع ۾ منهنجو پهريون ڪتاب ”عشق“ آيو هو ته، مون به پنهنجو ڪتاب پوسٽ ۾ حبيب ساجد کي موڪليو هو. ان ڪتاب تي پهريون تبصرو به حبيب ساجد ڪيو هو، جيڪو ”پوپٽ“ رسالي ۾ شايع ٿيو هو. مان اڃا به ان تبصري مان اتساهه وٺندو آهيان. مزي ۽ اداسي جي ڳالهه ته، تيرنهن سال گذرڻ باوجود حبيب ساجد سان هڪ به روبرو ملاقات ناهي ٿي.




هن جي شاعري سنڌس ڪتاب کان اڳ ئي منهنجيءَ دل تي هڪ ڀرپور تاثر قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب رهي آهي، ڇو ته رسالن ۽ فيس بڪ تي مان ڪيس پڙهندو رهيو آهيان. سنڌس هي ڪتاب دير سان ڇپيو آهي، جنهن جو انتظار گهڻن دوستن کي هوندو. هن کان اڳ سنڌس وائين جو ڪتاب آيو هو. سنڌس نثري نظم جي بنيادي خوبي اها آهي ته، اهو پنهنجي اظهار ۾ سچو آهي. هو جيڪو محسوس ڪري ٿو، سوئي لکي ٿو. فيشن يا ناماچاري جي ڊوڙ لاءِ نٿو لکي، ان ڪري سنڌس شاعري پڙهندڙن کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ٿي. جيئن هر انسان جو آواز، وصف ، قد ڪاٺ ۽ انداز مختلف هوندو آهي، ائين تخليقڪار کي به ڪنهن جو پاڇو نه ٿيڻ گهرجي.

حبيب ساجد جي ٻي ڳالهه جيڪا پاڻ ڏي ڇڪي ٿي، سا سنڌس ذاتي زندگي جي جهلڪ آهي. جيئن ته هو ريلوي ۾ ملازمت ٿو ڪري، تنهن ڪري اها زندگي به سنڌس شاعريءَ جو حصو رهي آهي. ذاتي تجربو شاعريءَ کي اوريجنل بڻائي ٿو. اهو ڪيئن ٿي سگهي ٿو ته، ڏينهن جو گهڻو حصو اوهان جتي ڪم ڪيو، اتي جون ڳالهيون ۽ ڪيفيت اوهان جي تخليق ۽ لکڻين ۾ شامل نه ٿئي. ائين ئي هن جي شاعريءَ ۾ يونيورسٽيءَ وارو دور ۽ رومانس محسوس ڪري سگهجي ٿو.



حبيب ساجد جي شاعريءَ ۾ موضوع کان وڌيڪ احساس حاوي آهي، ڇو ته هو پاڻ هڪ حساس شخص آهي. ان طرح اظهار جي جدت سنڌس تخليق جي سونهن آهي، تڏهن ئي ته هو پنهنجيون ڪيفيتون ۽ درد پڙهندڙ تائين منتقل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي. سنڌ ۾ جيڪي ٻوڏون آيون، انهن تي سنڌ جي شاعرن لاجواب شاعري ڪئي آهي، ڇو ته شاعر عوام جي دردن سان فطري طور جڙيل هوندا آهن. ائين ئي حبيب ساجد جا هن ڪتاب ۾ 2010 واري ٻوڏ تي به سگهارا نظم موجود آهن، جن مان هڪ هي آهي:

”مان پنهنجو پگهر اگهندي به گهٻرايان ٿو
اسان هاڻي هڪ بوند جو اضافو به
افورڊ ڪري نه ٿا سگهئون ....
.....
اسان جي اکين کان ننڊ رسي وئي آهي
اسان جي اڳيان تمام تيزي سان
هڪ نئين مڪلي ٺهي رهي آهي!“

حبيب ساجد جي شاعريءَ ۾ موضوع کان وڌيڪ احساس حاوي آهي، ڇو ته هو پاڻ هڪ حساس شخص آهي. ان طرح اظهار جي جدت سنڌس تخليق جي سونهن آهي، تڏهن ئي ته هو پنهنجيون ڪيفيتون ۽ درد پڙهندڙ تائين منتقل ڪرڻ ۾ ڪامياب ويو آهي.

سنڌس تشبيهون ۽ سٽون به نيون ٿيون لڳن:

”روز منهنجي مرڪ جو سگريٽ
تنهنجي ڪاوڙ جي ايش ٽري ۾
بي درديءَ وچان وسامجي ويندو آهي.“

نظمن جا اڪثر عنوان توڙي سٽون انگريزي ۾ آهن، جيڪي ڪٿي ڪٿي غير ضروري لڳن ٿيون، ڇو ته انهن جي معنيٰ وارا مناسب لفظ سنڌيءَ ۾ موجود آهن، پر ڪٿي ڪٿي انهن جو استعمال قدرتي ۽ درست به آهي. اڄ جڏهن دنيا جنگ جي آزار ۾ ورتل آهي ۽ هر ساهه هڪ مهلت محسوس پيو ٿئي، اهڙي دور ۾ هي مختصر نظم ڄڻ اسان جو اجتماعي آواز بڻجي ٿو:

”ڏسو
جنگيون بند ڪيو
۽ سيئي هٿيار ڀڃي ڇڏيو
اسان جون محبوبائون
اسان جو انتظار ڪري رهيون آهن.“

حبيب ساجد کي مون تمام گهٽ ادبي فيسٽيولز يا ڪانفرنسز ۾ شعر پڙهندي ڏٺو آهي. اهڙن شاعرن کي رڪارڊ ڪرڻ ادارن جو فرض آهي. باقي حبيب جهڙي Born Poet کي ان جي ضرورت ناهي، ڇو ته هو پوءِ به شاعري ڪندو رهندو. جيئن هن پنهنجي هڪ نظم ۾ چيو آهي:

”مان نظم لکندو نه پر ڄڻيندو آهيان،
انڪري جو
شاعري منهنجي DNA ۾ آهي.“

هي ڪتاب سمبارا پبليڪيشن 2026 ۾ شايع ڪيو ويو آهي، جنهن جو مهاڳ پرويز ابڙو ۽ بيڪ ٽائيٽل امر اقبال لکيو آهي. ان کان سواءِ ٻين لکيڪن جا ليک به هن ۾ شامل آهن. ■

---

## پرڏيهي ادب

# محمود درويش جو نظم

ترجمو: روشن شيخ





### ... ۽ تون

... ۽ تون
انهن ماڻهن سان ڇا ڪيو؟
جن توکي مايوس ڪيو؟
ڪجهه به نه
مون انهن کي ائين سمجهيو
ڄڻ هو ڪڏهن
هئا ئي نه
۽ مان اڳتي وڌي ويس.

# نزار قبانيءَ جا نظم



### جڏهن ڪو ماڻهو

جڏهن ڪو ماڻهو
ننڍڙي ڳالهه تي اداس ٿي وڃي ته
يقين ڪري وٺو ته ڪنهن سنڌس دل کي
تمام بيرحميءَ سان اجاڙي ڇڏيو آهي.

### معصوميت

هڪ اهڙي عورت
جيڪا گلن سان محبت ڪري ٿي
ٻارن سان کيڏي ٿي
۽ چاڪليٽ جي ٽڪرن تي خوشيءَ ۾ جهومي پوي ٿي
اهڙي عورت پنهنجي معصوميت ڪڏهن به نه وڃائيندي. ■

## انيس انصاري اڪيڊميءَ جي ڪهاڻي ايوارڊ تقريب

# ’ڪهاڻي ته لکجي پئي ۽ انعام به ماڻي پئي‘

ابو رافع

”ڪنهن به سُٺي ڪم ۾ دير ڪرڻ نه گهرجي.“ اهڙو اظهار اشتياق انصاريءَ پنهنجي آجياڻي تقرير ۾ ڪيو، جيڪا هن 24 اپريل 2026ع تي ”انيس انصاري اڪيڊمي“ پاران سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي سهڪار سان، اداري جي ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ هال ۾ منعقد ڪيل ايوارڊ تقريب ۾ ڪئي.

اها تقريب سنڌي ڪهاڻي تي ايوارڊ ڏيڻ جي حوالي سان هُئي، جنهن ۾ انعامي مقابلي ۾ ايوارڊ جو مرتبو ماڻيل چئن ڪهاڻين جي ليکڪن کي ايوارڊ ڏنا ويا. اُهي ڪهاڻيڪار هئا: زاهد منگي (ڪهاڻي: سونهن بنا سمبارا)، مير تقي عباس (ڪهاڻي: بزدل)، احسان دانش (ڪهاڻي: اُسات) ۽ وفا اسلم شيخ (ڪهاڻي: ڪَڪُ پتي).

**ايوارڊ ماڻيندڙ ڪهاڻيڪارن ۾ زاهد منگي (ڪهاڻي: سونهن بنا سمبارا)، مير تقي عباس (ڪهاڻي: بزدل)، احسان دانش (ڪهاڻي: اُسات) ۽ وفا اسلم شيخ (ڪهاڻي: ڪَڪُ پتي) شامل هئا.**




ڊاڪٽر فتح محمد مري




اشتياق انصاري




محمود مغل

سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائس چانسلر ڊاڪٽر فتح محمد مري جي صدارت هيٺ ٿيل ان تقريب جي شروعات نامياري ليکڪا ۽ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جي اڳوڻي سيڪريٽري محترمه شبنم گل صاحبه ڪئي. خاص مهمان جي ڪُرسيءَ تي سنڌي ٻوليءَ اٿارٽيءَ جو چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي ويٺل هُئو. ساڻس گڏ ڪهاڻي مقابلي جي هڪ جج طور ڊاڪٽر ريحانه ملاح، ڪي نوٽ پيپر پڙهندڙ نامياري ليکڪ ڊاڪٽر محمود مغل ۽ ميزبان طور انيس انصاري اڪيڊميءَ جو اڳواڻ ڊاڪٽر اسحاق انصاري ويٺل هُئا.

آجياڻي تقرير بعد ڊاڪٽر محمود مغل پنهنجي نهايت شانائتي نثر ۾ پيپر پڙهيو. جنهن ۾ هن ڪانفرنس ۽ اڪيڊميءَ جي ڪارڪردگيءَ سميت سنڌي ڪهاڻيءَ تي روشني وڌي. ان بعد انيس انصاري صاحب جي سدا بهار ڪهاڻي ”يو ٽو بروٽس“ شهزادي پرڳڙي پڙهي. ان سان گڏ اُهي انعام ماڻيل چارئي ڪهاڻيون پڻ پڙهايون ويون. جن ايوارڊ ماڻي انهن جي ليکڪن کي پنهنجي پنهنجي لکڻ جي سُٺائيءَ جي احساس کان واقف ڪيو.

ايوارڊ جيڪي مورتيءَ جي صورت ۾ اڪيڊميءَ تيار ڪرايا هُئا، اهي تقريب ۾ شريڪ ماڻهن جي اکين جو تيستائين مرڪز رهيا، جيستائين اهي اعزاز ملندڙ ليکڪن جي هٿن تائين نه پهتا.

گهڙي کن لاءِ مون کي پنهنجي دلي ڪيفيت اظهارڻي پوي ٿي ته، هوند چوان ته، ”ٻُڌڻ“ ڪڏهن وسري سگهي ٿو. پر اهي ايوارڊن واريون ڪجهه ڪجهه بليڪ مورتيون، منهنجي اکين کان وسرن. ان لاءِ مون کي گهڻي ڪوشش ڪرڻي پوندي ۽ ايوارڊ ماڻيندڙن جي چهرن تي جيڪا مڃتا ملڻ جي خوشي هُئي، اها پڻ ڏسڻ جهڙي هُئي.

ٻڌڻ وارن ۾ جيڪي شخص ويٺل هُئا، اهي سڀ ادب جي ڪنهن نه ڪنهن شاخ سان جڙيل هُئا. انڪري انهن ڳالهائيندڙن کي پوري ڌيان سان ٻڌو. ويجهڙ ۾ ايتري ڌيان سان ٻڌندڙ حيدرآباد جي ڪنهن ادبي تقريب ۾ شايد مون گهٽ ڏٺا هجن. ايوارڊ وٺندڙن مان فقط زاهد منگي پنهنجي هٿن ۾ ايوارڊ وٺڻ جو احساس ماڻي نه سگهيو، جو هو ڪنهن سرڪاري ڪم ۾ رُڌل هُئو.

ليکڪن کي ايوارڊ ڏيڻ ۽ ڪهاڻين جي چٽاپيٽيءَ جي هڪ جج طور، ڊاڪٽر ريحانه ملاح انهن سببن جي پڻ وضاحت ڪئي، جن کي آڌو رکندي هنن ايوارڊن لاءِ چاڻايل ڪهاڻين جي چونڊ ڪئي. هن ان عمل کي به ساراهيو ته، جڏهن ڪهاڻيون ڪين موڪليون ويون هيون، ته انهن تي ليکڪن جو نالو لکيل نه هُئو. جڏهن ته اها ڳالهه انيس انصاري اڪيڊميءَ جي شفافيت جو مظهر آهي. ساڳئي وقت ڪنهن به پاسخاطريءَ کان آجاڇپ جو پڻ!

سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي چيئرمين طور ۽ گمان آهي ته ڪهاڻين لاءِ ايوارڊن جي چونڊ واري فيصلي جي هڪ ٻئي جج طور ڊاڪٽر شير مهراڻيءَ به ڪنهن انعامي مقابلي جي شفافيت ڏانهن اشارو ڪيو. هن سنڌي ٻولي اٿارٽي ۾ اها تقريب منعقد ڪرڻ تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته، هيءُ ايوارڊ تقريب هڪ اهڙي روايت آهي، جيڪا اڳتي هلي نوجوان ڪهاڻيڪارن ۾ اُتساهه پيدا ڪندي. هنن ايوارڊن جي اهميت انهن جي شفافيت ۾ آهي، جيڪا انيس انصاري اڪيڊمي برقرار رکي آهي، جنهن لاءِ جس لهڻي.

ائين تقريب جي صدارت ڪندڙ ڊاڪٽر فتح محمد مريءَ پنهنجي خطاب ۾ ڪهاڻي ايوارڊ تقريب جي تعريف ڪندي خوشيءَ جو اظهار ڪندي چيو ته ادبي تقريب کي ادب پڙهندڙن پاران جيڪا موٽ ملندي آهي، اها خوشي ڏيندڙ هوندي آهي. اڄ هن شانائتي ادبي تقريب جي صدارت ڪندي مون کي خوشي ملي آهي. مان علمي ماڻهو آهيان ۽ اديبن جي ويجهو رهڻ وارو آهيان. اڄوڪين ڪهاڻين ٻڌڻ کان پوءِ مون محسوس ڪيو آهي ته سنڌيءَ ۾ سائنس فڪشن تيزيءَ سان وڌي رهيو آهي. اڳ اهڙن ليکڪن/ ڪهاڻيڪارن کي گهٽ پڙهڻ جو موقعو ملندو هُئو.






تقريب جي پڄاڻيءَ کان پوءِ هال ۾ موجود اديب دوستن ان عمل تي خوشيءَ جو اظهار ڪيو ۽ دل سان اظهاريو ته ادبي تقريب ايتري ئي وقت جي هئڻ گهرجي.

انيس انصاري اڪيڊمي ۽ سنڌي ٻولي اٿارٽيءَ جي گڏيل سهڪار سان ٿيل هيءَ ڪهاڻي ايوارڊ تقريب، اتي موجود ماڻهن کي شايد گهڻو وقت ياد رهجي وڃي، پر شايد اهو ياد نه رهي ته آخر ۾ وٽندڙ بسڪيٽ ۽ ذهن کي تازو ڪرڻ لاءِ گرم چانهه به موجود هئي. پر سوال اِهو آهي هن تقريب ذهن تي بارئي ڪٿي ڪيو هو؟ جيڪا بوريت اڪثر ادبي تقريبون پيدا ڪنديون آهن، جن ۾ ڳالهائيندڙن کي اڌ درجن جيتريون چٽيون ڏنيون وينديون آهن ته، سائين تقرير مختصر ڪيو.

هيءَ تقريب ته سڄي ساري مختصر ۽ ذهن تازو توانو ڪندڙ هُئي. انتظام ڪندڙن لاءِ اها تعريف ئي گهڻي آهي. هاڻ هنن چاڻي ورتو آهي ته ادبي تقريب ڪيئن هئڻ گهرجي. هن تقريب جي اهميت اها به هئي ته اهو ڏينهن (23 اپريل) ڪتابن جو عالمي ڏينهن به هُئو ۽ هن تقريب ۾ ڪتابن ۽ ڪتابن ۾ شامل ڪهاڻين جي مڃتا جون ڳالهيون ئي رهيون هيون. انيس انصاري اڪيڊميءَ جي حق ۾ اها تعريف به وڃي ٿي جو اڪيڊمي جي سرواڻن هن تقريب منعقد ڪرڻ لاءِ اهڙو ڏينهن چونڊيو، جيڪو دنيا اندر ڪتابن جي لاءِ مخصوص ڪيو ويو آهي. هن تقريب ۾ اسان جو دوست ضياءُ ابڙو ۽ ارشاد سرڪي به شامل هئا، جيڪي اڪيڊميءَ سان جُڙيل ته آهن، پر هن تقريب جي سار سنڀال ۾ پڻ اڳيرا هُئا. ■



بلقان جي ملڪن: البانيا، ڪوسووو ۽ نارٿ ميسيڊونيا جو سفر

# ڪوسووو جي گاديءَ واري شهر پرسٽينا پهتاسين

عبدالله عثمان مورائي



پريزرين قلعي تان هيٺ لهي اچي اسان ڪجهه سووينيئر جي دڪانن جا چڪر ڏنا. جتي اسڪارف پهريل ڪاروباري عورتن جي گهڻائي هئي. مان جتي جتي انهن اسڪارف پهريل ڪاروباري يا نوڪري ڪندڙ عورتن کي ڏسندو آهيان ته محسوس ٿيندو آهي ته اهي مالي طور آزاد هونديون ۽ ان سان گڏ انهن مذهبي ۽ اخلاقي ذميواري به ناهي وساري. سنڌ جي عورت کي به مالي طور مضبوط ٿيڻ لاءِ ڪاروباري ٿيڻو پوندو. اها مالي مضبوطي رڳو انهن جي ذات تائين محدود ناهي، پر اها ڪين ۽ سندن خاندان جي لاءِ مالي مضبوطي ثابت ٿيندي.
آءٌ جڏهن به اهڙي قسم جي عورتن کي حق حلال جي روزي ڪندي ڏسندو آهيان ته، مون کي ڪوڙ اهڙيون ڀهراڙيءَ جون عورتون ياد اچي وينديون آهن. جيڪي بابا جي دڪان تي سنڌي گيهه وڪڻڻ لاءِ اينديون هيون ۽ اڃا به اينديون آهن. انهن کي ڪاروبار جي بنيادي ڄاڻ ضرور هئي، جيئن اگهه ۾ گهٽ وڌ ڪرائڻ، اگهه مقرر ڪرڻ وغيره وغيره. باقي هر مهيني عورتن يا مردن کي ڪجهه پيسا ڏيڻ سان اها سندن مدد نه پر انهن کي ناڪاره بڻائڻ آهي. ترقي ڪيل ملڪن ۾ به ماڻهن کي پيسا ملن ٿا، پر ائين ناهي جو اهو ڪم ايڏو ڪو سولو هوندو. پيسا انهن کي ملندا جن کي ڪا اهڙي بيماري هجي، جو هو ڪو ڪم ڪار نه ڪري سگهندا هجن يا اهي مسلسل نوڪريءَ جي ڳولا ۾ هجن ۽ ان سڄي عمل جو هڪ پروسيس هوندو آهي. منهنجي خيال ۾ ماڻهن کي ڪم ڳولهڻ ۽ محنت ڪرڻ تي راغب ڪرڻ جي اوليت هجڻ گهرجي ۽ منهنجو خيال آهي ته عام ماڻهو اهو چاهي به ٿو، پر گهٽن کي گس نٿو ملي ۽ گهڻا ماڻهو ان ماحول مان مايوس ٿي ٻاهرين ملڪن ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪندا رهن ٿا.
بهرحال انهن خيالن مان واپس آيس ته آءُ هڪ دفعو وري ڪوسووو ۾ هيس. پريزرين جو شهر مون کي ڏاڍو وڻيو ۽ نه چاهيندي به اسان کي اتان نڪرڻو هو. اسان جي اڳلي منزل ڪوسوو جي گادي جو شهر پرسٽينا هئي. اسان تيزيءَ سان ان طرف وڌندا وياسين. اسان پرسٽينا ۾ داخل ٿياسين ته تقريبن شام ٿيڻ واري هئي. خردي گاڏي پرسٽينا جي لائبريري جي پارڪنگ ۾ اچي بيهاري ۽ اسان اتان پنڌ گهمڻ شروع ڪيو. خردي منهنجو ڌيان لائبريري جي عمارت ڏانهن ڇڪائيندي چيو ته، هيءَ عمارت عجيب قسم جي آهي، جنهن جي پٿين کي ٻاهر کان لوهه جي پڃرن ۾ جڪڙيو ويو آهي. مون ٿورو غور ڪيو ته واقعي ائين هيو به. اهڙي قسم جو آرڪيٽيڪچر الائي ڇو؟ بهرحال شهر ڪافي وڏو پي لڳو ۽ ٽريفڪ به جام هئي. موسم ٿوري ٿڌي هئي. پرسٽينا ڪوسوو جو معاشي، مالي، سياسي ۽ ڪاروباري مرڪز آهي.
مون کي ڪوسوو جي گاديءَ واري هنڌ (پرسٽينا) ۾ اهو محسوس ڪري خوشي پئي ٿي ته آءٌ دنيا جي هن نئين وجود ۾ آيل ملڪ ۾ آهيان، جنهن کي وجود ۾ آئي اڃا چوڏنهن پندرهن سال مس ٿيا آهن. جنهن کي هي ”نيو بارن ڪنٽري“ جو لقب به ڏين ٿا. خير هنن جو اڃا تائين سربيا


سڪندر بي مجسمو

سان مسئلو هلي ٿو. اسان گهمندا ويجهوئي مدر ٽيريسا ڪيٿيڊرل ڏسڻ لاءِ وياسين. جنهن جي ٻاهران ڪوسوو جي البانوي نسل جي عالم، اديب ۽ سياستدان ابراهيم رگوا جو مجسمو نهيل آهي. اوسي پاسي ۾ وڏي رونق ۽ رش هئي. ماڻهو ڦڪي رنگ جي بسن جي انتظار ۾ بيٺا هئا. مون محسوس ڪيو ته هي ملڪ پلي نئون آهي، پر اهي عام ماڻهن جي اچ وڃ جي لاءِ پبلڪ ٽرانسپورٽ جي اهميت کي سمجهن ٿا. پبلڪ ٽرانسپورٽ کان سواءِ ڪارون به جام هيون.
بهرحال اتان گهمندا ڦرندا اسان هڪ پارڪ ۾ هيروئنٽ جي يادگار مجسمي تي آياسين. جيڪو ويهارو هزار ڪن پنن يا سوئين سان نهيل آهي ۽ هر هڪ پن يا سوئي ان هر هڪ البانوي عورت کي بيان ڪري ٿي، جنهن کي سربيا ۽ ڪوسوو جي 1998ع کان 1999ع دوران جنگ ۾ زيادتي جو نشانو بڻايو ويو هو. خردي اتي منهنجون ڪجهه يادگار تصويرون ڪڍيون. هيروئنٽ واري يادگار کان ٿيندا اسان اچي پرسٽينا جي هڪ ٻئي يادگار وٽ پهتاسين، جيڪو ”نيو بارن“ جي هيش ٽيگ ۽ نالي سان مشهور آهي. مطلب ته ان يادگار کي ڪوسوو جي نئين آزادي سان منسوب ڪيو ويو آهي.
اتان ٿي، اسان پنڌ هلڻ وارن جي گهٽي نيني ٽيريسا يعني مدر ٽيريسا بوليوارڊ تي گهمندا رهياسين. جتي ڪجهه مختلف اسڪوائر يا چوراها هئا، جن ۾ سڪندر بي ۽ ڪوسوو جي آزادي جي هڪ جنگجو جوان ظاهر پاجازيتي سان منسوب ٿيل آهن، اهي اچن ٿا. اتي انهن جا مجسما پڻ نهيل آهن. هاڻي ڪافي ٿڌ ٿي وئي هئي. تنهن هوندي به ماڻهو گهميا ڦريا پئي. ڪافي رونق هئي. اوسي پاسي ۾ دڪان، ڪيفيٽيريا پڻ ڪافي هئا. سووينيئرس جا دڪان به جام هئا. ڪي ماڻهو ٻاهر دوستن سان ڪچهرين ۾ مشغول هئا، ته ڪي ٽڪڙا ٽڪڙا، شايد ڪم ختم ٿيڻ


سلطان محمد فتح مسجد

کان پوءِ گهرن ڏانهن ويندا هوندا. اسان جو پروگرام هو ته ماني اتي پرسٽينا ۾ ڪائي پوءِ واپس ترانا لاءِ نڪربو.
خردي مون کي چيو ته، ”هڪ منفرد قسم جي ريسٽورنٽ تي ٿا هلون.“ مون به علي گل ملاح وانگر چيس، ”پلين.“
ريسٽورنٽ ليبرنيا، اتان کان ڪو اڌ منو ڪلوميٽر جي پنڌ تي هو. واٽ سان ويندي ڪجهه اهم سرڪاري عمارتن وٽان پڻ لنگهڻ ٿيو. سج لهي چڪو هو ۽ آذان به ٻڌڻ ۾ آئي. ريسٽورنٽ ۾ داخل ٿياسين ته محسوس ٿيو ڄڻ ڪنهن ٽروپيڪل رينفاريسٽ ۾ داخل ٿياسين يا ڪنهن گذريل دور ۾ هليا ويا هجون.
ان ريسٽورنٽ تي جيڪي به ڀاڄيون اچن ٿيون، اهي پرسٽينا جي اوسي پاسي جي هارين کان خريد ڪيل هجن ٿيون، جيڪي آرگينڪ هجن ٿيون، ۽ جن ۾ ڪنهن به قسم جو ڪو ڪيميڪل يا ڪيميائي ڀاڻ استعمال ٿيل ناهي هوندو. اهي شيون ئي هن ريسٽورنٽ کي ٻين عام رواجي ريسٽورنٽس کان منفرد ڪن ٿيون. ان ريسٽورنٽ تي اتان جو روايتي ڪاڏو مشهور هو. اسان ڪجهه مڪس ڪري گهرايو ته جيئن هڪ ئي جاءِ تي مختلف ڪاڌن جو ذائقو وٺي سگهجي. ريسٽورنٽ تمام گهڻو سينگاريل هو. ڇوڏاري جهڙوڪ وليون لڳل هجن. هڪ گاڏيءَ تي وري تازيون ڀاڄيون ۽ ميوا سجايل هئا. ڪٿي ڪٿي پراڻي دور جا ٿانو به رکيل هئا. ڪاڌو انتهائي ذائقي وارو هو. مزي جي ڳالهه ته سستو هو. آخر ۾ اسان چانهه جو دور هلايو.
ريسٽورنٽ مان وڃڻ کان پهريان آءُ واش روم ۾ ويس ته اتي هوبهو پاڻ واري اگربتي پئي ٻري_ اها ڏسي مون سوچيو ته، اگربتي کي خوشبوءِ لاءِ واش روم ۾ به ٻاري سگهجي ٿو.
ان بعد واپس پنڌ ئي پنڌ اچي گاڏيءَ ۾ ويٺاسين. ٽريفڪ به تمام وڌي وئي هئي. چوراها به ته هئا، پر ماڻهن انهن جو خيال گهٽ ٿي ڪيو. بهرحال اسان آهستي آهستي پرسٽينا مان نڪتاسين. پرسٽينا مان نڪرڻ مهل مون سوچيو ته، هائو ٻيلي نيو بارن ڪنٽري، يعني خطرناڪ جنگ کي منهن ڏيڻ ۽ آخر ۾ ان سڄي عمل مان ٻاهر ڪاميابيءَ سان نڪري اڃڻ ڪي ئي ”نيو بارن“ چئبو. جيئن پاڻ وٽ ڪنهن به قاتل ماڻهو کي پاڻ ڏسي چوندا آهيون ته، هتان کان بچو ته ڄڻ نئون ڄائو. ■


هٿي به ٺڪر جا ٿانو


تصوير شٽر اسٽاڪ